شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

رسالو نمبر 68

تخريج شده

# خودڪُشي جو علاج

سنڌي ترجمو


- روشن قبرون 25
- آه! ويچارا مالدار! 53
- صبر آسان بڻائڻ جو طريقو 38
- سبز گنبذ جي تصور جو طريقو 67
- ڪفريه جملن جون 16 مثالون 43
- پيادل هلڻ جا فائدا 69
- 7 روحاني علاج 74


پيشڪش : مجلس مڪتبة المدينه


مڪتبة المدينه

SC1286

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# خودڪشيءَ جو علاج

شايد نفس ۽ شيطان رڪاوٽ وجهن پر توهان هي

رسالو پورو پڙهي پنهنجي آخرت جو ڀلو ڪريو

## درود شريف جي فضيلت

**حضرتِ** سيّدُنا اُبَيّ بْنِ ڪَعْب رضی اللہ تعالیٰ عنہ عرض ڪيو: **مان** (مان سيئي وِرد وظيفا، دعائون ڇڏيندس ۽) **پنهنجو سڄو وقت درود شريف پڙهڻ ۾ گذاريندس** تہ سرڪارِ مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: "اهو توهان جي فڪرن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڪافي ٿيندو ۽ توهان جا گناهہ مُعاف ڪيا ويندا." **(سنن ترمذي ج 4 ص 207 حديث 2465 دارالفڪر بيروت)**

لائیں گے میری قبر میں تشریف مصطفیٰ عادت بنا رہا ہوں دُرُود وسلام کی

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

---

[1] هي بيان اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي ٽي روزه بين الاقوامي اجتماع (9، 10، 11 شعبان المعظم سن 1425ھ مدينة الاولياء ملتان) ۾ آچر جي رات فرمايو. ضروري ترميم سان تحريري طور تي خدمت ۾ حاضر آهي. مجلس مڪتبة المدينہ

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود شريف پڙهو توهان جو درود شريف مون تائين پهچندو آهي .

# زبردست ويڙهاڪ

حضرتِ سيِّدُنا ابوهُريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا : رسولِ ثَقَلَين، سلطانِ ڪونَين، رَحمتِ دارَين، بيچين دلين جي چَين، ناناءِ حَسَنَين صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم و رضی اللہ تعالیٰ عنہما سان اسان (غَزوهءِ) حُنَين ۾ حاضر ٿياسين، تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوب صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم هڪ شخص جي باري ۾ جيڪو اسلام جي دعويٰ ڪندو هو ارشاد فرمايو: **اهو دوزخي آهي** پوءِ جڏهن اسان قِتال (يعني لڙائيءَ) ۾ مشغول ٿياسين تہ اهو شخص ڏاڍو وڙهيو ۽ ان کي زخم رَسيو. ڪنهن عرض ڪيو. **يا رسول الله!** عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم **جنهن جي باري ۾ اوهان ڪجهہ دير اڳ ۾ ارشاد فرمايو هو تہ اهو دوزخي آهي** ان اڄ ڏاڍي ويڙهہ ڪئي ۽ مري ويو، تہ نبي اڪرم، رسولِ مُحتَشَم، شاهِ بَني آدم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم جن ارشاد فرمايو: "**اهو جهنم ۾ ويو.**" ممڪن هو تہ ڪجهہ ماڻهو شڪ ۾ پون ها (پر) ايتري ۾ ڪنهن چيو: اهو مُئو نہ هو بلڪ ان کي سخت زخم رَسيو ۽ جڏهن رات ٿي تہ ان زخم جي تڪليف تي صبر نہ ڪيو ۽ خودڪُشي ڪري ڇڏيائين . جيئن تہ

www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام دُرُود شريف پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

هاديءِ راهِ نَجات، سَروَرِ ڪائنات، شاهِ مُوجودات صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم کي ان ڳالهہ جي خبر ڏني وئي، تہ پاڻ سڳورن جن ارشاد فرمايو: اللّٰه اڪبر! "مان گواهي ٿو ڏيان تہ مان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهيان." پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم حضرتِ سيِّدُنا **بلال** رضی اللہ تعالٰی عنہ کي حڪم فرمايو تہ حضرت سيِّدُنا بِلال رضی اللہ تعالٰی عنہ ماڻهن ۾ اعلان فرمايو، "**جنت ۾ صرف مسلمان داخل ٿيندو** ۽ **بيشڪ** اللّٰه تعاليٰ **هن دين جي تائيد ڪنهن فاجر** (يعني گناهگار) **ماڻهوءَ کان (بہ) ڪرائي ڇڏيندو آهي**."

**(صحيح مسلم، ص 70 حديث 178 دار ابن حزم بيروت، صحيح البخاري ج 2 ص 328 حديث 3062 دارالڪتب العلميه بيروت)**

www.dawateislami.net

# ان ويڙهاڪ جي دوزخي هجڻ جا ٻہ سبب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم ڪافرن سان نهايت بي جگري سان وڙهڻ واري زبردست ويڙهاڪ کي جيڪو **جهنّمي** قرار ڏنو ان جا ٻہ سبب ٿي سگهن ٿا **﴿1﴾** "خودڪُشي ڪرڻ": هن صورت ۾ اهو پنهنجي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : مون تي دُرُود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

گناهن جي سزا ڀوڳي جنّت ۾ ويندو. ﴿2﴾"مُنافق ٿيڻ": جيئن تہ شارح صحيح مسلم حضرتِ سيِّدُنا **محيي الدين يحيیٰ** بن شَرَف نَوَوِي عليه رحمة الله القوي ۽ **خطيبِ بغدادي** عليه رحمة الله الهادي جي حوالي سان فرمائن ٿا:"**خودڪشي ڪرڻ وارو اهو شخص منافق هيو.**" (شرح مسلم للنَّوَوِي ج 1 ص 123 دار الڪتب العلميه بيروت) **ان صورت ۾ اهو هميشہ جهنّم ۾ رهندو.**

# مفتي شريف الحق صاحب جي شرح

**شارح** بُخاري حضرتِ علّامہ مفتي شريفُ الحَق عليه رحمة الله القوي نُزْهَةُ الْقَاري جلد 4 صفحو 173 تي فرمائن ٿا: اهو شخص حقيقت ۾ مسلمان هيو يا ڪافر ان جو فيصلو (ڪرڻ) ڏکيو آهي. پر ابتدا ۾ جيڪو فرمايائون : لِرَجُلٍ يَدَّعِي الْإِسْلَامَ (يعني هڪ شخص جيڪو اسلام جي دعويٰ ڪندو هو) ۽ آخر ۾ جيڪو اعلان ڪرايائون ان مان ظاهر ۾ اهو مُتَبَادِر ٿيندو (يعني فوري طور ذهن ۾ ايندو) آهي تہ اهو حقيقت ۾ مسلمان نہ هو ۽ آخر ۾ ارشاد فرمايائون: بيشڪ الله هن دين جي مدد فاجر انسان کان ڪرائيندو آهي. هن فاجِر جي معنيٰ مُتَعَارِف (معنيٰ معروف) جي لحاظ کان اهو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ حقيقت

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا .

۾ مسلمان هو ڇوته عُرف ۾ فاجِر جو اِطلاق گناهگار مسلمان تي ٿيندو آهي پر اهو قَطعي ناهي. قرآن مجيد ۾ آهي. اِنَّ الْفُجَّارَ لَفِیْ جَحِیْمٍ ﴿۱۴﴾ (پ۳۰،الانفِطار:۱۴)

(ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ ڪافر جهنّم ۾ آهن) ۽ فرمايو: اِنَّ كِتٰبَ الْفُجَّارِ لَفِیْ سِجِّیْنٍ ﴿۷﴾ (پ۳۰، اَلمُطَفِّفِين:۷)

(ترجمو ڪنزالايمان : بيشڪ ڪافرن جو اعمال نامو سڀ کان هيٺين جاءِ سِجين ۾ آهي)

جَلالَين ۾ ٻنهي آيتن جي تفسير، ڪافرن سان ڪئي آهي. ان لاءِ هن حديث ۾ به فاجِر مان جيڪڏهن ڪافر مُراد ورتي وڃي ته ڪو اِستِبعاد (يعني بَعيد) ناهي.

(نزهة القاري ، ج 4 ص 173 فريد بڪ اسٽال مرڪز الاولياء لاهور)

www.dawateislami.net

# قبوليت جو دارومدار خاتمي تي آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو ته ظاهر ۾ ڪو ڪيتري ئي عبادت ۽ رِياضت ڪري، دين جي گهڻي تبليغ ۽ خدمت ڪري، پر جيڪڏهن دل ۾ مُنافقَت ۽ مٺي مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي عداوت هجي ته نيڪين ۽ عبادتن جي ڪا حقيقت ناهي ۽ اها به خبر پَئي ته عملن جي خاتمي جو مڪمل عمل دخل آهي. جيئن ته ”مُسند

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي .

امام احمد بن حَنبل ” ۾ آهي: ” اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالۡخَوَاتِیۡم “ يعني عملن جو دارومدار خاتمي تي آهي.

(مستند امام احمد بن حنبل ج 8 ص 434 حديث 22898 دار الفڪر بيروت)

# جنت حرام ٿي وئي

**نبي** ڪريم، رؤف رَّحيم عليه افضل الصلوٰة والتسليم جن جو ارشادِ عبرت بنياد آهي:” توهان کان اڳين امتن مان هڪ شخص جي بدن ۾ وڏي ڦرڙي نڪتي جڏهن ان ۾ (ڪيس) سخت تڪليف محسوس ٿيڻ لڳي، ته ان پنهنجي تَرڪَش (يعني تيردان) مان تِير ڪڍيو ۽ ڦرڙيءَ کي چيري ڇڏيو، جنهن مان رت وهڻ لڳو ۽ بيهي نہ سگهيو ايتري تائين جو ان جي ڪري اهو مري ويو، توهان جي ربّ عَزَّوَجَلَّ فرمايو: “**مون ان تي جنت حرام ڪري ڇڏي**.”

(صحيح مسلم ص 71 حديث 180 دار ابن حزم بيروت)

**هن** حديث شريف جي شَرح ۾ شارِحِ صحيح مسلم حضرت علامہ نَوَوِي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا:“هن حديث شريف مان اهو نتيجو ورتو ويندو تہ ان جلدي مرڻ (يعني خودڪُشي) جي لاءِ يا بغير ڪنهن مصلحت جي ائين ڪيو (ان ڪري ان تي جنّت حرام فرمائي وئي) نہ تہ فائدي جي غالب گمان جي صورت ۾ علاج ۽ دوا جي لاءِ ڦُرڙيءَ

www.dawateislami.net

ڪي چِيرڻ (يعني آپريشن) حرام ناهي.“
(شرح مسلم للنَّوَوِي ج 1 ص 127)

# خود ڪشي جي معنيٰ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خودڪُشي جي معنيٰ آهي، ”پاڻ کي مارڻ.“ خودڪُشي گناهِ ڪبيره، حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. پنجين سيپاري سورةُ النّساء، آيت 29 ۽ 30 ۾ ارشادِ باري **تعاليٰ** آهي:

www.dawateislami.net

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ اِلَّاۤ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِّنْكُمْ ۟ وَلَا تَقْتُلُوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿۲۹﴾ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ عُدْوَانًا وَّ ظُلْمًا فَسَوْفَ نُصْلِيْهِ نَارًا ؕ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿۳۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان** : اي ايمان وارؤ! پاڻ هڪٻئي جو مال ناحق نہ کائو پر هي تہ ڪو سودو توهان جو هڪٻئي جي رضامندي سان هجي پنهنجو پاڻ کي قتل نہ ڪريو بيشڪ الله توهان تي مهربان آهي ۽ جيڪو ظلم ۽ زيادتي سان ائين ڪندو تہ جلدي اسان ان کي باهہ ۾ داخل ڪنداسين ۽ اهو الله تي سولو آهي.

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو تہ آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

**وَلَا تَقْتُلُوْا اَنْفُسَكُمْ** (يعني پنهنجو پاڻ کي قتل نہ ڪريو) جي تحت حضرتِ علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عليه رحمة الله الهادي "**خزائن العرفان**" ۾ فرمائن ٿا: **مسئلو** : هن آيت مان **خودڪشي** جي حُرمَت (يعني حرام ٿيڻ) بہ ثابت ٿي.

ٻين سيپاري سورة البقره جي آيت نمبر 195 ۾ ارشادِ رباني آهي.

وَاَنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۚۛ وَاَحْسِنُوْا ۚۛ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۹۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ الله جي واٽ ۾ خرچ ڪريو ۽ پنهنجي هٿان هلاڪت ۾ نہ پئو ۽ چڱائي وارا ٿي وڃو. بيشڪ چڱائي وارا الله جا محبوب آهن.

www.dawateislami.net

**هن** آيت سڳوريءَ جي تفسير "**خزائن العرفان**" ۾ هيئن آهي:"راهِ خُدا عزوجل ۾ اِنْفاق (يعني راهِ خُدا عزوجل ۾ خرچ) کي ڇڏڻ بہ هلاڪت جو سبب آهي ۽ فُضول خرچي بہ ۽ اهڙيءَ طرح اها شيءِ بہ جيڪا هلاڪت جو باعث هجي انهن سڀني کان پري رهڻ جو حڪم آهي، ايتري تائين جو بغير هٿيار جي جنگ ۾ وڃڻ يا زهر کائڻ يا ڪنهن بہ نموني خود ڪُشي ڪرڻ."

# خود ڪشي جا انگ اکر

**افسوس!** اڄڪلهہ **خودڪشي** جو رُجحان وَڌندو پيو وڃي. هڪ اخباري رپورٽ ۾آهي،"**جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر**" جي فراهم ڪيل انگن اکرن مطابق 1985ع ۾ 35 ماڻهن خودڪُشي ڪئي هئي ۽ ان جو تعداد وڌندو ويو ۽ نوبت ايتري تائين وڃي پهتي جو 2003 ۾ 930 ماڻهن خودڪُشي ڪئي. انهن وارداتن جو دردناڪ پهلو اهو آهي تہ مرڻ وارن ۾ گهڻن جي عمر 16 ڪان 30 سال جي وچ ۾ هئي. "هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان" جي رپورٽ جي مطابق ڇهن مهينن ۾ يعني جنوري ڪان جون 2004ع جي عرصي ۾ 1103 ماڻهن خودڪُشي جون ڪامياب ۽ ناڪام ڪوششون ڪيون.انهن ۾ ٻارن جي شرح 46.5 سيڪڙو هيو! يعني انهن مان اڌ ٻار ئي هئا. انهن ٻارن خودڪُشي جي لاءِ جيڪي طريقا اختيار ڪيا اهي هي آهن: 21 ڄڻن زهريلي گوريون ڪاڌيون،11 ڄڻن زهر ڪاڌو،8 ڄڻن ڦاهي ڏني، 2 ڄڻن پاڻ کي باهہ ڏني، هڪ نهر ۾ ٽِپو ڏنو، 9 ڄڻن پاڻ کي گولي هنئي ، 2 ڄڻن تيزاب پيتو ۽

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي .

هڪ جٽي پنهنجي ساهہ جي رڳ ڪٽي هي اهو تعداد آهي جيڪو انتظاميہ (يا اخبار وارن) جي نظر ۾ اچي ويو نہ تہ ڪيتريون ئي وارداتون لِڪايون ويندون آهن.

## خودڪشي جا ڪجهہ سبب

**عام طور تي** گهرو جهيڙن، تنگدستين، قرضن، بيمارين، مصيبتن، ڪاروباري پريشانين ۽ پنهنجي پسند جي شادي ۾ رڪاوٽن يا امتحان ۾ ناڪامين وغيره جي ڪري پيدا ٿيڙ واري ذهني دٻاءُ (TENSION) جي ڪري ڪجهہ انتهائي ڪاوڙِيل ۽ جذباتي بدنصيب ماڻهو خودڪُشي ڪندا آهن.

سن لو! نقصان ہی ہوتا ہے بِالآخر ان کو
نفس کے واسطے غصّہ جو کیا کرتے ہیں

## خودڪشي جون پنج دردناڪ وارداتون

ڪجهہ وارداتون وڏو رِقت انگيز منظر پيش ڪنديون آهن، جيئن تہ **خودڪشي جون اهڙيون پنج خبرون** توهان کي ٻُڌايان ٿو: ﴿1﴾ "روزنامہ جانباز" ڪراچي (خميس 5 آگسٽ سن 2004ع) ماءُ پنهنجي پٽ کي گهوٽ بڻايو ، جَڃَ

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ان جفا ڪئي.

ڪي روانو ڪيو ، چاچين چيو ته توهان به گڏ هلو پر هوءَ نه هلي ۽ بعد ۾ گهر جا سيئي تالا کولي زيور ۽ رقم وغيره ڪنهن جي حوالي ڪري نهر ۾ ٽپو ڏنائين ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ سندس لاش مليو. ﴿2﴾ "روزنامه جرات" (10 آگسٽ سن 2004ع) جي خبر اها آهي ته 6 مهينا اڳ شادي ٿي هئي، نئين پرڻيل ڪنوار رُسي پيڪين هلي ويئي، گهرواريءَ جي جُدائي برداشت نه ڪندي گهوٽ پاڻ کي گولي هڻي. ﴿3﴾ "روزنامه انتخاب" (28 آگسٽ 2004ع) جي خبر اها آهي ته هڪ پيءُ پنهنجي هڪ ڌيءُ، ٻن پُٽن ۽ گهرواريءَ کي قتل ڪرڻ کان پوءِ خودڪُشي ڪري پنهنجي زندگيءَ جو خاتمو آڻي ڇڏيو. "روزنامه نواءِ وقت" ڪراچي (5 آگسٽ 2004ع) جون به خبرون آهن: ﴿4﴾ ڊگهڙي (سنڌ) ۾ شادي نه ڪرائڻ تي نوجوان پاڻ کي ڦاهي ڏني. ﴿5﴾ پيءُ ڪاوڙ ۾ پنهنجي پُٽ کي ٿَڦ هڻئي ته ان 14 ساله پٽ پاڻ کي باٿ روم ۾ بند ڪري باهه ڏني. ڪجهه مهينا اڳ انهيءَ علائقي ۾ هڪ ٻئي ڇوڪري وڏي عمارت مان ٽپو ڏئي خودڪُشي ڪئي هئي.

www.dawateislami.net

# خبرن مان نالا ڪڍي ڇڏڻ جي حڪمت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مسلمانن کي مرڻ کان پوءِ سُٺن لفظن سان ياد ڪرڻ جو حديث شريف ۾ حڪم آهي تنهنڪري مون خبرن مان نالا ڪڍي ڇڏيا آهن ڇوته سُڃاڻپ سان ڪنهن مسلمان جي خودڪُشي جو بغير شرعي ضرورت جي تذڪرو ڪرڻ ان جي بي عزّتي آهي جيڪو گناهه آهي. هڪ اٽيڙهيل ماڻهو بہ ان ڳالهہ کي سمجهي سگهي ٿو تہ نالي ۽ سُڃاڻپ سميت خُودڪشي جي خبر مشهور ڪرڻ سان ميّت جي بي عزّتيءَ سان گڏوگڏ ان جي خاندان جي بہ سخت بدنامي ۽ دل آزاري ٿيندي آهي. **ڪاش!** اسان جا اخبارن وارا مسلمان ڀائر ان عظيم گناهہ کان توبهہ ڪري اڳتي ان کان پري رهڻ جي ترڪيب ٺاهين. ڪڏهن بہ توهان جي علائقي يا خاندان ۾ **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ ڪو **خودڪشي** ڪري ويهي تہ بغير شرعي اجازت جي ڪنهن کي نہ ٻُڌايو، جيڪڏهن اهو گناهہ ڪري وينا آهيو تہ **توبهہ** جون شرعي گهرجون پوريون ڪريو. ها سُڃاڻپ ظاهر ڪرڻ کانسواءِ **خودڪشي** ڪرڻ

www.dawateislami.net

واري جو هن طرح تذڪرو ڪرڻ جائز آهي جو مُخاطب سُڃاڻي نہ سگهي.

مجرِم ہوں دل سے خوفِ قِیامت نکالدو
پردہ گناہ گار کے عَیبوں پہ ڈالدو

## هر ٻن منٽن ۾ خودڪشيءَ جون ٿي وارداتون

**تنهن** جي گهٽائي ۽ آخرت جي مُعاملي ۾ جهالت جي ڪري افسوس اسان جي پياري وطن پاڪستان ۾ **خودڪشيءَ** جو لاڙو وڌندو ٿو وڃي. هڪ اخباري رپورٽ جي مطابق آگسٽ 2004 ۾ پاڪستان ۾ **خودڪشي** جون 68 وارداتون ٿيون. جن ۾ بابُ المدينه ڪراچيءَ جو پهريون نمبر رهيو جڏهن تہ ٻيو نمبر مدينة الاولياء **ملتان** وارن جو آيو. انهيءَ اخبار جي مطابق **دنيا ۾ هر 40 سيڪنڊ ۾ خودڪشي جي هڪ واردات ٿيندي آهي!**

## ڇا خودڪشيءَ سان جان ڇٽي پوندي آهي؟

**خودڪشي** ڪرڻ وارا شايد اهو سمجهندا آهن تہ اسان جي جان ڇٽي پوندي! حالانڪ ان سان جان ڇُٽڻ جي بدران الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگيءَ جي صورت ۾ نهايت

www.dawateislami.net

بُري طرح ڦاسي پوندي آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! **خودڪشي** جو عذاب برداشت نہ ٿي سگهندو.

## باهہ ۾ عذاب

**حديث** شريف ۾ آهي: "جيڪو شخص جنهن شيءِ سان **خودڪشي** ڪندو ان کي جهنّم جي باهہ ۾ انهيءَ شيءِ سان **عذاب** ڏنو ويندو."

**(صحيح البخاري ج 4 ص 289 حديث 6652 دارالڪتب العلميه بيروت)**

## انهيءَ هٿيار سان عذاب

www.dawateislami.net

**حضرتِ** سيّدُنا ثابِت بن ضَحّاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان مروي آهي تہ راحتِ قلبِ ناشاد، محبوبِ رب **العباد** عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو ارشادِ عبرت بنياد آهي: "جنهن لوهي هٿيار سان خودڪُشي ڪئي تہ ان کي جهنّم جي باهہ ۾ انهيءَ هٿيار سان عذاب ڏنو ويندو."

**(صحيح البخاري ج 1 ص 459 حديث 1363 دارالڪتب العلميه بيروت)**

## گهٽا ڏيڻ جو عذاب

**حضرتِ** سيّدُنا ابو هُريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان مروي آهي، سرڪارِ دو عالَم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بَني آدم، رسولِ مُحتَشَم

صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو فرمانِ عبرت نِشان آهي: جنهن پاڻ کي گُهٽو ڏنو اهو جهنّم جي **باهہ ۾ پاڻ کي گهٽو ڏيندو رهندو** ۽ جنهن پاڻ کي نيزو هنيو اهو جهنّم جي باهہ ۾ پاڻ کي نيزو هڻندو رهندو.”

**(صحيح البخاري حديث 1365 ج 1 ص 460 دارالڪتب العلميه بيروت)**

# زخم ۽ زهر جي ذريعي عذاب

**حضرتِ** سيّدُنا ابو هُريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ت الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمِن جي گلشن جي مهڪندڙ گل صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم و رضی اللہ تعالیٰ عنہا جن جو فرمانِ عبرت نِشان آهي: جيڪو **جبل** تان ڪِري **خودڪشي** ڪندو اهو جهنّم جي باهہ ۾ هميش ڪِرندو رهندو، ۽ جيڪو شخص زهر کائي **خودڪشي** ڪندو اهو جهنّم جي باهہ ۾ هميش **زهر** کائيندو رهندو. جنهن **لوهي هٿيار سان خودڪشي** ڪئي ت دوزخ جي باهہ ۾ اهو **هٿيار** ان جي هٿ ۾ هوندو ۽ اهو ان سان پنهنجو پاڻ کي هميش زخمي ڪندو رهندو.”

**(صحيح البخاري حديث 5778 ج 4 ص 43 دارالڪتب العلميه بيروت)**

www.dawateislami.net

# خودڪشي کي جائز سمجهڻ ڪفر آهي

**هن** حديث شريف ۾ **خودڪشي** ڪرڻ واري جي باري ۾ هي بيان آهي ته "هميشه عذاب ۾ مبتلا رهندو" ان جي شرح ڪندي شارح صحيح مسلم حضرتِ سيّدُنا **مُحیُ الدّین يَحيٰی بن شَرَف نَوَوِی** عليه رحمة الله القوي ڪجهه قول ذڪر فرمايا آهن: ﴿1﴾ جنهن شخص **خودڪشيءَ** جو فعل حلال سمجهي ڪيو حالانڪه ان کي **خودڪشي** جي حرام هجڻ جو علم هو ته اهو ڪافر ٿي ويندو ۽ هميشه هميشه جي لاءِ عذاب ۾ مبتلا رهندو (چوته قاعدو هي آهي ته جنهن ڪنهن حرام کي حلال ۽ ڪنهن حلال کي حرام سمجهيو ته اهو ڪافر ٿي ويندو، اهو ان صورت ۾ آهي جو اهو حرامِ لذاته هجي ۽ ان جي حُرمت دليلِ قَطعي مان ثابت هجي ۽ اهو ضرورياتِ دين جي حد تائين هجي. (فتاويٰ رضويه ج 14 ص 147) مثال طور **شراب** (خمر) پيئڻ حرامِ قَطعي آهي ته هاڻي ان کي علم آهي ته شراب حرام آهي پر پوءِ به ان کي حلال سمجهي پيئندو ته **ڪافر** ٿي ويندو اهڙيءَ طرح **زِنا** حرامِ قَطعي آهي جيڪڏهن ان کي حلال سمجهي ڪندو ته ڪافِر ٿي ويندو) ﴿2﴾ هميشه عذاب ۾ رهڻ جي ٻي اها معنيٰ به ٿي سگهي ٿي ته **ڊگهي عرصي** تائين عذاب ۾ رهندو (تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن باري ۾ اهو وارد

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي .

هجي تہ اهو هميشہ عذاب ۾ رهندو تہ اتي اها معنيٰ ورتي ويندي تہ ڊگهي عرصي تائين عذاب ۾ رهندو. جيئن مُحاوري طور چيو ويندو آهي، "هڪ پيرو اها خريد ڪريو هميشہ لاءِ آرام اچي ويندو." حالانڪ هميشہ آرام ممڪن ناهي تہ هتي هميشہ جي آرام مان مُراد ڊگهي عرصي جو آرام آهي) اهڙيءَ طرح دعا جي طور تي چيو ويندو آهي **خَلَّدَاللّٰهُ مُلْكَ السُّلْطَان** (يعني الله عَزَّوَجَلَّ بادشاهہ جو ملڪ هميشہ سلامت رکي.) هتي مُراد اها ئي آهي تہ دير تائين قائم رکي. اهڙيءَ طرح اسان وٽ بزرگن جي لاءِ هنن دعائن ڪرڻ جو رواج آهي: **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان جو سايو اسان گناهگارن تي قائم ۽ دائم رکي. "دائم" جي لفظي معنيٰ جيتوڻيڪ "هميشہ" آهي پر هتي مُراد "دير تائين" يا "ڊگهو عرصو" آهي. ڪجهہ ماڻهو هن جملي ۾ "تادير قائم ۽ دائم" جا لفظ بہ چوندا آهن پر عوام ۾ اهو غلط مشهور آهي هتي "دائم" جي هوندي لفظ "تادير" چوڻ غلطي آهي.﴿3﴾ ٽيون قول اهو آهي تہ **خودڪشي** جي سزا تہ اها آهي پر **الله تعاليٰ** مومنن تي ڪرم فرمايو ۽ خبر ڏئي ڇڏي تہ جيڪو ايمان تي مرندو اهو دوزخ ۾ هميشہ نہ رهندو (يعني **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن ڪو گناهگار مسلمان دوزخ ۾ ويو بہ تہ ڪجهہ عرصو سزا ڪاٽڻ

www.dawateislami.net

ڪان پوءِ آخرڪار دوزخ مان ڪڍي هميشه هميشه جي لاءِ جنّت ۾ داخل ڪيو ويندو) **(شرح مسلم لِلنَّوَوِي ج 1 ص 125)**

## سيڪنڊ جي ڪروڙين حصي جو عذاب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معاذالله** عَزَّوَجَلَّ ڪو هي چوي ته آخرڪار چوٽڪارو ته ملي ويندو ڪجهه عرصي جو عذاب برداشت ڪنداسين. ائين چوڻ ڪفر آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ملڻ وارو عذاب ايتريقدر سخت هوندو آهي جو ان کي ڪجهه عرصو ته ڇا **خدا جو قسم! هڪ سيڪنڊ جو ڪروڙين حصي جي لاءِ به ڪو برداشت نه ٿو ڪري سگهي.**

www.dawateislami.net

## مومن جو قيدخانو

**يقينًا** خودڪُشي سخت گناهه آهي ۽ ان تي ڏکي عذاب جي وَعيد آهي جيڪڏهن خُدا نه ڪري ڪنهن کي **خودڪشي** ڪرڻ جا وسوسا اچن ته ان کي گهرجي ته بيان ڪيل وَعيدن مان عبرت حاصل ڪري ۽ شيطان جي وار کي ناڪام بڻائي. جيتوڻيڪ ڪيتريون ئي پريشانيون هجن صبر ۽ رضا جو پيڪر بڻجي مڙس ٿي حالتن جو مُقابلو ڪري. ياد رکو! حديث شريف ۾ آهي:

" اَلدُّنيَا سِجْنُ الْمُؤْمِنِ وَجَنَّةُ الْكَافِرِ " "دنيا مومن جي لاءِ قيد خانو ۽ ڪافر جي لاءِ جنت آهي."

(صحيح مسلم ص 1582 حديث 2956 دار ابن حزم بيروت)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ظاهر آهي قيد خاني ۾ تڪليفون ئي تڪليفون هونديون آهن. حضرتِ مولانا جلالُ الدّين **رومي** رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمائن ٿا ؎

هَسْت دنيا جنّت آں کُفّاررا ... اَہلِ ظُلم و فِسق آں اَشراررا

بَہرِ مومن ہَست زِنداں ایں مقام ... نَیست زِنداں جائے عَیش واِحتِشام

www.dawateislami.net

(يعني ڪافرن، ظالمن، فاسقن، ۽ شريرن جي لاءِ هيءَ دنيا جنّت آهي جڏهن ته ايمان وارن جي لاءِ هيءَ دنيا جيل آهي، ۽ جيل عيش ۽ راحت جي جاءِ ناهي)

# اللّٰه عَزَّوَجَلَّ آزمائيندو آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اللّٰه تبارڪ وتعاليٰ مسلمانن ڪي امتحانن ۾ مبتلا فرمائي انهن جي گناهن ڪي مٽائيندو آهي ۽ درجن ڪي وَڌائيندو آهي. جيڪو مصيبتن ۽ تڪليفن تي صبر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي اهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمتن جي ڇانوَ ۾ اچي ويندو آهي. جيئن ته ٻئين سيپاري، **سورة البقره** جي آيت نمبر **155** کان

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏھ ڀيرا صبح ۽ ڏھ ڀيرا شام درود شريف پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي .

157 ۾ ارشادِ رباني آهي:

وَلَنَبۡلُوَنَّكُمۡ بِشَیۡءٍ مِّنَ الۡخَوۡفِ وَالۡجُوۡعِ وَنَقۡصٍ مِّنَ الۡاَمۡوَالِ وَالۡاَنۡفُسِ وَالثَّمَرٰتِ ؕ وَبَشِّرِ الصّٰبِرِیۡنَ ﴿۱۵۵﴾ الَّذِیۡنَ اِذَاۤ اَصَابَتۡهُمۡ مُّصِیۡبَةٌ ۙ قَالُوۡۤا اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّاۤ اِلَیۡهِ رٰجِعُوۡنَ ﴿۱۵۶﴾ اُولٰٓئِكَ عَلَیۡهِمۡ صَلَوٰتٌ مِّنۡ رَّبِّهِمۡ وَرَحۡمَةٌ ۟ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُهۡتَدُوۡنَ ﴿۱۵۷﴾

www.dawateislami.net

**ترجمو ڪنزلايمان:** ۽ ضرور اسان توهان کي آزمائينداسون، ڪجھ ڊپ ۽ بُک سان ۽ ڪجھ مالن ۽ جانين ۽ ميون جي گهٽ ڪرڻ سان ۽ خوشخبري ٻُڌاءِ صبر وارن کي، جو جڏهن انهن تي ڪا مصيبت پوي تہ چون اسان الله جي مِلڪ آهيون ۽ اسان کي ان ڏانهن موٽڻو آهي. اهي ماڻهو آهن جن تي سندن پالڻهار طرفان دُرُود ۽ رحمتون آهن ۽ اهي ئي سِڌي واٽ تي آهن.

دُور دنیا کے ہو جائیں رنج وَ اَلم، مجھ کو مل جائے میٹھے مدینے کا غم
ہو کرم ہو کرم یا خدا ہو کرم، واسِطہ اُس کا جو شاہِ اَبرار ہے

## بي صبري سان مصيبت دور نه ٿيندي

توهان ملاحظ فرمايو تہ الله عَزَّوَجَلَّ مصيبتون ڏئي

آزمائيندو آهي تہ جنهن انهن ۾ بي صبري جو مظاهرو ڪيو، واويلا مچايائين، ناشڪري جا جملا زبان سان ادا ڪيائين يا بيزار ٿي **معاذالله** عزوجل **خودڪشي** جو رستو اختيار ڪيائين، اهو هن امتحان ۾ بُري طرح ناڪام ٿي پهريان ڪان ڪروڙين ڀيرا وڏيڪ مصيبتن جو حقدار ٿي ويو. بي صبري ڪرڻ سان مصيبت ويندي ناهي ابتو صبر جي ذريعي حاصل ٿيندڙ ثواب بہ ضايع ٿي ويندو آهي جيڪو بذاتِ خود هڪ وڏي مصيبت آهي.

www.dawateislami.net

## مصيبت کان وڏي مصيبت

**حضرتِ** سيّدُنا **عبدالله** بن مُبارڪ عليہ رحمة المالک جو **فرمانِ عاليشان** آهي:"**مصيبت** (شروع ۾) هڪ هوندي آهي (پر) جڏهن **مصيبت ۾ ڦاٿل** بي صبري ۽ واويلا ڪندو آهي تہ (هڪ جي بدران) بہ مصيبتون ٿي وينديون آهن ﴿1﴾ هڪ تہ اها مصيبت باقي رهندي آهي ۽ بي ﴿2﴾ مصيبت (صبر ڪرڻ تي ملڻ واري) ثواب جو ضايع ٿي وڃڻ آهي ۽ اهو (ثواب ضايع ٿيڻ واري بي مصيبت) پهرين (مصيبت) کان وڏيڪ آهي. **(تنبيه الغافلين ص 143 پشاور)**

**يعني** اڳ ۾ **مصيبت** جو نقصان صرف دنياوي هيو پر

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود شريف پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي .

صبر جي صورت ۾ هٿ اچڻ واري عظيم الشّان ثواب جو بي صبري جي ڪري ضايع ٿي وڃڻ ان ڪان به وڏي **مصيبت** آهي جو ان ۾ آخرت جو تمام وڏو نقصان آهي.

رونا مصيبت کا تُو مت رو ، الِ نبی کے دیوانے
کرب و بلا والے شہزادوں، پر بھی تُو نے دھیان کیا؟

## ٽي سو درجن جي بلندي

**حديث** شريف ۾ آهي، ”جنهن **مصيبت** تي صبر ڪيو ايتري تائين جو ان (مصيبت) کي سٺي صبر سان موٽائي ڇڏيو ته الله تبارڪ وتعاليٰ ان جي لاءِ ٽي سؤ درجا لکندو، هر هڪ درجي جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جو مُفاصلو هوندو.“ (الجامع الصغير للسيوطي ص 317 حديث 5137 دارالڪتب العلميه بيروت)

www.dawateislami.net

## زخمي ٿيڻ تي کلڻ

**اسان جا** بزرگ رحمهم الله تعاليٰ ته مُصيبت تي ملڻ واري ثواب جي تصوُّر ۾ ائين گم ٿي ويندا هئا جو انهن کي **مصيبت** جي پرواهه نه رهندي هئي جيئن ته منقول آهي، حضرتِ سيّدُنا **فتح موصلي** عليه رحمة الله الوالي جي گهرواري

هڪ ڀيري زور سان ڪِريون جنهن سان ننهن مبارڪ ڀَڄي پيو، پر سُور جي ڪري چِنگھڻ ۽ "هاءِ" "اوهه" وغيره ڪرڻ بدران اهي کِلڻ لڳيون!! ڪنهن پُڇيو: ڇا زخم ۾ سُور نه ٿو ٿئي؟ فرمايائون:"**صبر جي بدلي ۾ ملڻ واري ثواب جي خوشي ۾ مون کي ڏک جي تڪليف جو خيال ئي نه اچي سگهيو.**"

**(ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 782 انتشارات گنجينه تهران)**

**حُجَّة الاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي فرمائن ٿا:"جيڪڏهن توهان واقعي **الله** عزوجل کي عظمت وارو سمجهو ٿا ته ان جي نشاني اها آهي ته **بيماري** ۾ شڪايت وارو **لفظ** (زبان تي) نه آڻيو ۽ **مصيبت** اچي وڃي ته ان کي ٻين تي ظاهر ٿيڻ نه ڏيو. (ڇوته بنا ضرورت جي ان جو اظهار بي صبريءَ جي علامت آهي جيئن ته اڄ ڪلهه معمولي نَزلي ۽ زُڪام يا مٿي جو سُور به ٿي پوي ته ماٺهو هرويرو هر ڪنهن کي ٻُڌائيندا رهن ٿا) **(ايضًا)**

سر پہ ٹوٹے گو کوہِ بلا صَبْر کر، اے مسلماں نہ تُو ڈگمگا صَبْر کر

لب پہ حرفِ شکایت نہ لا صَبْر کر، کہ یہی سنّتِ شاہِ ابرار ہے

**مصيبت** لِڪائڻ جي به ڪهڙي نه خوب فضيلت آهي. جيئن حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہما فرمائن ٿا ته

www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بَني آدم، نبي مُحتَشَم، شافعِ اُمَم صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن جي مال يا جان ۾ مصيبت آئي پوءِ ان انهيءَ ڪي ڳجهو رکيو ۽ ماڻهن تي ظاهر نہ ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي.“ (مجمع الزوائد ج 10 ص 450 حديث 17872)

چُپ کر رہیں تاں موتی مِلسن، صَبُر کرے تا ہیرے
پاگلاں وانگوں رَولا پاویں ناں موتی ناں ہیرے

www.dawateislami.net

## ڪاش! مان مصيبت ۾ ڦاٿل هجان ها!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان ڪي گهرجي تہ ڪيڏي بہ مُصيبت اچي وڃي ان جي اذيت ۽ ان جي وڏي هجڻ تي نظر رکڻ بدران ان تي ملڻ واري آخرت جي ثواب تي غور ڪريون. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ائين صبر ڪرڻ آسان ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن اسان صبر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين تہ قيامت جي ڏينهن ان جي اهڙي عظيم الشّان ثواب جا حقدار ٿي وينداسين جنهن ڪي ڏسي ماڻهو رِيس ڪندا. جيئن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، منزه عن العيوب صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جن جو فرمانِ ذيشان آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي .

“جڏهن قيامت جي ڏينهن اهلِ بلا (يعني بيمارن ۽ مصيبت ۾ ڦاٿلن) کي ثواب عطا ڪيو ويندو تہ عافيّت وارا تمنا ڪندا تہ **ڪاش! دنيا ۾ اسان جون کلون قينچين سان ڪٽيون وڃن ها.**” (سنن الترمذي ج 4 ص 180 حديث 2410 دارالفڪر بيروت)

مُفَسّرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنان هن حديث شريف جا لفظ “ڪاش! دنيا ۾ اسان جون کَلون قينچين سان ڪَٽيون وڃن ها” جي تحت فرمائن ٿا: يعني تمنّا ۽ آرزو ڪندا تہ اسان تي دنيا ۾ اهڙيون بيماريون اچن ها جن ۾ آپريشن جي ذريعي اسان جون کلون ڪَٽيون وڃن ها تہ جيئن اسان کي بہ اڄ اهو ثواب ملي ها جيڪو ٻين بيمارن ۽ مُصيبت ۾ ڦاٿلن کي ملي رهيو آهي. (مرآة ، ج 2 ص 224)

مال و دولت کی مجھ کو تو کثرت نہ دے تاج و تختِ شہی اور حکومت نہ دے
مجھ کو دنیا میں بے شک تُو شہرت نہ دے تجھ سے عطّار تیرا طلبگار ہے

## روشن قبرون

**منقول** آهي تہ ڪنهن بزرگ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ حضرتِ سَيّدُنا حسن بن ذڪوان عليه رحمة الرحمٰن کي انهن جي وفات جي هڪ سال کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ پُڇيو: ڪهڙيون

www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي .

قبرون وڏيڪ **روشن** آهن؟ فرمايائون: ”دنيا ۾ مُصيبتون سهڻ وارن جون.“ (تنبيه المغترين ص 166 دار المعرفه بيروت)

کیا کروں لے کے خوشیوں کے سامان کو
بس ترے غم میں روتا رہوں زار زار

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! اها اونداهي واري قبر جنهن کي دنيا جو ڪو بجلي وارو بلب روشن نه ٿو ڪري سگهي ان شآءَالله عزوجل اها مني مني آقا صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي نُور جي صدقي پريشان حالن جي لاءِ نُور تي روشن ٿيندي.

www.dawateislami.net

خواب میں بھی ایسا اندھیرا کبھی دیکھا نہ تھا — جیسا اندھیرا ہماری قبر میں سرکار ہے
یارسولَ اللہ آ کر قبر روشن کیجئے — ذات بے شک آپ کی تو مَنبعِ انوار ہے

# جنت تڪليفن سان ڍڪيل آهي

ان شآءَالله عزوجل مُصيبت ۾ ڦاٿلن جون قبرون روشن ٿينديون ۽ جنّت ۾ رهائش به ملندي. **جنت جا طلبگارو!** هن حديث کي سيني سان سانديو جنهن ۾ سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، شهنشاهِ ابرار صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم : جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان .

جن ارشاد فرمايو آهي: "**جهنم شهوتن سان ڍڪيل آهي ۽ جنت تڪليفن سان ڍڪيل آهي**."

**(صحيح البخاري ج 4 ص 243 حديث 6487 دارالڪتب العلميه بيروت)**

مُفَسّرِ شهير حڪيم الامت حضرتِ مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنان هن حديث شريف جي لفظن"جهنّم شهوتن سان ڍڪيل" جي تحت فرمائن ٿا:"دوزخ ڀاڻ خطرناڪ آهي پر ان جي رستي ۾ ڪيترائي بناوٽي گل ۽ باغ آهن، دنيا جا گناهہ بدڪاريون جيڪي ظاهر ۾ تمام خوبصورت آهن اهي دوزخ جو رستو ئي تہ آهي، ۽ "جنت تڪليفن سان ڍڪيل" جي تحت فرمائن ٿا: جنّت وڏو باردار (يعني ميويدار) باغ آهي پر ان جو رستو خاردار (يعني ڪنڊيدار) آهي، جنهن کي طئي ڪرڻ نفس تي ڏاڍو ڏکيو آهي. نماز، روزو، حج، زڪوٰة ،جهاد، شهادت، جنّت جو رستو ئي تہ آهي، طاعات (يعني عبادتن) تي هميشگي، شهوتن کان عليحدگي واقِعي (نفس جي لاءِ) مَشَقَّت جون شيون آهن. خيال رهي تہ هتي"شهوتن" مان مُراد حرام خواهشون آهن، جيئن شراب، زِنا، سُرُود (يعني گانا باجا) حرام راند روند، هن ۾ جائز شهوتون داخل ناهن، ۽ "مڪارِہ" (يعني تڪليفن) مان مُراد عبادتن جي بجا آوري

www.dawateislami.net

جون مشقتون آهن، تنهنڪري ان ۾ خودڪُشي ۽ مال برباد ڪرڻ داخل ناهي. (مرآة المناجيح ج 7 ص 5 ضياءُ القرآن لاهور)

## گناهن جي ڪري ب مصيبت ايندي آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مصيبت** اچڻ تي دل کي الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف ڏيارڻ، صبر تي استقامت حاصل ڪرڻ ۽ غلط قدم کڻڻ کان پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ **توبه** ۽ **استغفار** ڪندي اهو ذهن بڻايو ته اسان تي جيڪا **مصيبت** نازل ٿي آهي ان جو سبب اسان جا پنهنجا ئي ڪرتوت آهن جيئن ته پنجويهين سيپاري، **سورة الشوريٰ** جي ٽيهين آيت شريف ۾ ارشادِ رباني آهي:

وَ مَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِیْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَیْدِیْكُمْ وَ یَعْفُوْا عَنْ كَثِیْرٍ ؕ﴿۳۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ توهان کي جيڪا مصيبت پهتي اها ان سبب کان آهي جيڪو توهان جي هٿن ڪمايو ۽ اهو گهڻو ڪجھ ته مُعاف فرمائيندو آهي

## تڪليف ۾ گناهن جو ڪفارو ب آهي

**هن** آيت سڳوري جي تحت حضرتِ سيّدُنا **صدر الافاضل** حضرتِ علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي

www.dawateislami.net

عليه رحمة الله الهادي **خزائن العرفان** ۾ فرمائن ٿا:"اهو خطاب (انهن) **مؤمنينِ مڪلفين** (يعني عاقل بالغ مسلمانن) کي آهي جن کان گناهه ٿيندا آهن، مُراد اها آهي ته دنيا ۾ جيڪي تڪليفون ۽ مصيبتون مؤمنن کي پهچنديون آهن اڪثر انهن جو سبب انهن جا گناهه هوندا آهن انهن تڪليفن کي الله تعاليٰ انهن جي **گناهن جو ڪفارو** ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ ڪڏهن مؤمن جي تڪليف ان جي رفع درجات (يعني درجن جي بلندي) جي لاءِ هوندي آهي."

www.dawateislami.net

صبر کر جسم جو بیمار ہے تشویش نہ کر
یہ مَرَض تیرے گناہوں کو مِٹا جاتا ہے

## مون تہ ڪنهن تي نقصان نہ پهچايو!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مصيبت اچي اسان کي پنهنجي ڪريم رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ رجوع ڪري خوب توبهہ ۽ استغفار ڪرڻ گهرجي. **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ زبان تہ زبان پر دل ۾ بہ اهڙي ڳالهہ نہ آڻڻ گهرجي تہ مون تہ ڪنهن کي ڪو نقصان نہ پهچايو، مان تہ سيني سان ڀلائي ڪندو آهيان آخر "ڪهڙي خطا مون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا .

ڪان اهڙي ٿي آهي جنهن جي مون کي سزا ملي رهي آهي!“ اهڙيون ناداني ءَ واريون ڳالهيون سوچڻ بدران عاجزي وارو **مدني ذهن** ٺاهيو، پنهنجو پاڻ کي خطاڪار تَصَوُّر ڪندي هر حال ۾ خداءِ ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪريو جو مان تہ سخت ترين گناهگار هجڻ جي ڪري سخت عذاب جو حقدار آهيان، مون تي آيل **مصيبت** جيڪڏهن منهنجي گناهن جي سزا آهي تہ مان سَستو ڇُٽي رهيو آهيان، نہ تہ دنيا جي بدران آخرت ۾ جهنّم جي سزا ملي تہ مان ڪنهن ڪم جو نہ رهندس.

www.dawateislami.net

میرے اعمال کا بدلہ تو جہنّم ہی تھا
میں تو جاتا مجھے سرکار نے جانے نہ دیا (سامانِ بخشش)

# باهہ جي بدلي خاڪ

**هڪ** ڀيري هڪ بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ جي مٿي تي ڪنهن خاڪ جو ٿالهہ ڀري اڇلايو. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ ڪپڙن مان ان خاڪ کي ڇنڊيو ۽ الله تعاليٰ جو **شڪر** ادا ڪيو. ماڻهن عرض ڪيو: توهان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ شڪر ڪهڙي ڳالهہ جو ادا ڪري رهيا آهيو؟ فرمايائون : جيڪو **باهہ** ۾ وجهڻ جو

حقدار هجي (يعني جنهن جي مٿي تي باهہ وجهڻ گهرجي) جيڪڏهن ان جي مٿي تي رڳو **خاڪ** وجهڻ تي ڪفايت ڪئي وڃي تہ ڇا اهو شڪر جو مقام ناهي؟

**(ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 805 انتشارات گنجينه تهران)**

*جب بھی مصیبت آئے نظر آخرت پہ ہو*

*سرکار! مَدَنی ذِہن دو مَدَنی خیال دو*

# صبر ڪرڻ جو طريقو

**غم** تي صبر ڪرڻ جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام ۽ خاص طور تي سيّدالانبياء مديني واري مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم تي اچڻ وارين تڪليفن ۽ مصيبتن کي ياد ڪيو وڃي. جيئن تہ طائف جي ميدان ۾ زخمي ٿيڻ واري مظلوم آقا ۽ مٺي مٺي مدني مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: "جنهن کي ڪا **مصيبت** پهچي ان کي گهرجي تہ پنهنجي **مصيبت** جي مُقابلي ۾ منهنجي **مصيبت** کي ياد ڪري جو بيشڪ اها (منهنجي مصيبت) اعظمُ المَصائب (يعني سڀني مصيبتن کان وڏيڪ) آهي."

**(الجامع الڪبير للسيوطي ج 7 ص 125 حديث 21346 دارالفڪر بيروت)**

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو .

دکھ درد کے ماروں کو غم یاد نہیں رہتے
جب سامنے آنکھوں کے سرکار نظر آئے

# تڪليف گهٽي ته ثواب به گهٽو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مصيبت آخر مصيبت آهي چاهي ڪيتري ئي ننڍي هجي اها وڏي ئي محسوس ٿيندي آهي. مثال طور **نزلو** تمام ننڍي بيماري آهي پر جنهن کي ٿئي ته اهو ئي سمجهي ٿو ته مون تي **مصيبت جو پهاڙ** ٽُٽي پيو آهي، ۽ جنهن کي ڪينسر ٿي وڃي اهو ته ويچارو بلڪل همٿ هاري ويهندو آهي حالانڪ هر هڪ کي همٿ رکڻ گهرجي نَزلي وارو هجي يا **ڪينسر** وارو هجي سيني کي هڪ ڏينهن مرڻو، اونداهي **قبر** ۾ لهڻو ۽ قيامت جي مرحلن کان گذرڻو آهي. دنيا جي تڪليف جيتري سخت هوندي اوترو ثواب به وڌيڪ ملندو. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، منزه عن العيوب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: **"وڏو ثواب وڏن مصيبتن سان ملندو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن ڪنهن قوم کي پسند فرمائيندو آهي ته ان کي** (آزمائش ۾) **مبتلا فرمائي ڇڏيندو آهي ، پوءِ جيڪو** (آزمائش تي) **راضي رهيو ان**

www.dawateislami.net

جيڪو ان جي ڪري رضا آهي ۽ جيڪو ناراض ٿيو ان جي لاءِ ناراضگي." (سنن ابنِ ماجہ ج 4 ص 374 حديث 4031 دارالمعرفه بيروت)

بہرِ مُرشِد غمِ اُلفت کا خزینہ دیدو
چاک دل چاک جگر سوزشِ سینہ دیدو

## پاڻ کان وڏي مصيبت ۾ ڦاٿل کي ڏسو

صبر جو ذهن بڻائڻ جو هڪ طريقو اهو به آهي ته پاڻ کان وڌيڪ مُصيبت ۾ ڦاٿل جي باري ۾ غور ڪيو وڃي اهڙيءَ طرح مصيبت هلڪي محسوس ٿيندي ۽ صبر ڪرڻ آسان ٿيندو. حضرتِ سيّدُنا شعبي رضی اللہ تعالیٰ عنه فرمائيندا هئا. "جيڪڏهن پنهنجي مٿان آيل آفت وارا ماڻهو ان کان وڏي آفت سان پيش ڪن ها ته ضرور ڪجهه آفتن کي عافيّت ڄاڻين ها."
(تنبيه المغترين ص 177 دار المعرفه بيروت)

www.dawateislami.net

## نيڪن تي رِيس ڪريو

امام الصّابرين، سيّد الشّاڪرين، سلطانُ الْمُتَوَڪِّلين صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو فرمانِ عنبرين آهي:"ٻه خصلتون اهڙيون آهن جو جن ۾ اهي هونديون الله تعاليٰ ان کي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهيو اللہ تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.

پنهنجي ويجهو **شاڪر** ۽ **صابر** لکي ڇڏيندو. انهن مان **هڪ** هي آهي تہ اهو دين جي مُعاملي (يعني علم ۽ عمل) ۾ پاڻ کان برتر ڏانهن نظر ڪري پوءِ ان جي پيروي ڪري ۽ **ٻيو** اها تہ دنيا جي مُعاملي ۾ پاڻ کان **گهٽ** ڏانهن ڏسي پوءِ اللہ **تعاليٰ** جي واکاڻ ڪري، تہ اللہ **تعاليٰ** ان کي شاڪر ۽ صابر لکندو ۽ جيڪو پنهنجي دين ۾ پاڻ کان **گهٽ** کي ڏسي ۽ پنهنجي دنيا ۾ پاڻ کان **برتر** کي ڏسي ۽ وڃايل دنيا تي غم ڪري اللہ عزوجل ان کي نہ **شاڪر** لکندو نہ **صابر**." (سنن الترمذي ج 4 ص 229 حديث 2520 دارالفڪر بيروت)

مُفَسِّرِ شهير حڪيمُ الامت حضرتِ مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنان مرآة المناجيح جلد 7 ص 76 تي فرمائن ٿا:"جيڪو پنهنجي دين ۾ پاڻ کان بَرتر يعني مٿي واري کي ڏسي تہ ان جي پيروي ڪري" جي تحت فرمائن ٿا: يعني جيڪڏهن توهان سنا ڪم ڪريو ٿا تہ انهن تي فخر نہ ڪريو بلڪ انهن ماڻهن کي ڏسو جيڪي توهان کان وڌيڪ نيڪيون ڪن ٿا چاهي اهي زندهہ هجن يا وفات ڪري ويا هجن. تنهنڪري هر مسلمان حضراتِ **صحابہ و اهلِ بيت** (عليهم الرضوان) جي عملن ۾ غور ڪري تہ انهن ڪهڙيون نيڪيون ڪيون

www.dawateislami.net

ته جيئن ان ۾ غُرور پيدا نه ٿئي ۽ گهٽيون نيڪيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ان سبب جي ڪري ربّ **تعاليٰ** ان ڪي **صابر** لکندو ڇوته جڏهن اهو شخص انهن بزرگن جهڙا ڪم نه ڪري سگهندو ته افسوس ڪندو اهو ان جو صبر ٿيندو. اسان **صحابہ ڪرام** (عليهم الرضوان) ڪي ڏسي افسوس ڪريون ته ان وقت اسان نه هئاسين اسان به حضور ڪريم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي جمال سان اکين کي ٿڌو ڪندي انهن جي قدمن تي جان قربان ڪريون ها اهو آهي صبر.

www.dawateislami.net

*جو ہم بھی واں ہوتے خاکِ گلشن لپٹ کے قدموں کی لیتے اُترن*

*مگر کریں کیا نصیب میں تو یہ نامرادی کے دن لکھے تھے*

مُفَسّرِ شهير حڪيم الامت حضرتِ مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنان مرآة المناجيح جلد **7** صفحو **76** ۽ **77** تي" ۽ پنهنجي دنيا ۾ پاڻ کان گهٽ واري کي ڏسي ته الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ڪري ان تي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان ڪي ان شخص تي بزرگي ڏني." جي تحت فرمائن ٿا:"ان شيءِ ڪي سوچڻ سان ان تي **وڏي مصيبت آسان** ٿي ويندي ۽ اهو ربّ عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ئي ڪندو. اسان آزمايو آهي ته

ڪنهن جو جوان پُٽ فوت ٿي وڃي ان کي صبر نہ اچي تہ اهو حضرتِ علي اڪبر (رضی اللہ تعالیٰ عنہ) جي شهادت تي غور ڪري تہ ان **شآءَالله** عزوجل فورًا **صبر** نصيب ٿيندو بلڪ پنهنجي آرام تي **شڪر** ڪندو. **مفتي صاحب** حديث شريف جي بقايا حصي جي تحت فرمائن ٿا: بلڪ اهڙي شخص جي زندگي حسد، ساڙ، بي صبري دلي رنج ۾ گذرندي ۽ اميرن کي ڏسي سڙندو رهندو تہ هاءِ مون وٽ مال گهٽ آهي ۽ پنهنجي عبادت تي فخر ڪندو تہ فلاڻو بي نمازي آهي ۽ مان نمازي آهيان ان کان ڪافي سٺو آهيان اهو آهي ان جو تڪبّر. رب **تعاليٰ** فرمائي ٿو:

لِّكَيْلَا تَاْسَوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَلَا تَفْرَحُوْا بِمَاۤ اٰتٰىكُمْؕ (پ۲۷ الحديد ۲۳)

**ترجمو ڪنزالايمان:** هن لاءِ تہ توهان ڏک نہ ڪيو ان تي جيڪو توهان جي هٿ کان وڃي ۽ خوش نہ ٿيو ان تي جيڪو توهان کي ڏنائين.) نبي ڪريم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: جيڪو دنيا جي گهٽتائيءَ تي فڪر ڪري اهو هڪ هزار سال جي راهہ دوزخ جي ويجهو ٿي ويندو ۽ جيڪو شخص ديني ڪوتاهي تي فڪر ڪندو اهو جنت کان هڪ هزار سال جي راهہ قريب ٿي ويندو. **(الجامع الصغير للسيوطي ص 513 حديث 8432)** (مرقات اهو ئي مقام) **خيال رهي** تہ دين ۾ ترقي

www.dawateislami.net

ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ منع ناهي بلڪ مالدارن جي مالداري تي رِيس ڪرڻ منع آهي.

## ڪير ڪنهن ڏانهن ڏسي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪي نيڪين ۾ ڪمزور آهن اهي گهٽيون نيڪيون ڪرڻ وارن تي رِيس ڪنانهن جيان نيڪين ۾ وڌڻ جي جستجو ڪن ۽ مريض وغيره پاڻ کان **وڏي مرض وارن** ڏانهن نظر رکندي شڪر ادا ڪن تہ مون کي فلاڻي جي مُقابلي ۾ **تڪليف** گهٽ آهي. مثال طور سَنڌن جي سُور وارو پيٽ جي سُور واري کي ڏسي تہ اهو مون کان وڌيڪ اذيّت ۾ آهي، تي بي وارو ڪينسر واري ڏانهن ڏسي تہ هو ويچارو وڏي تڪليف ۾ آهي. جنهن جو هڪ هٿ ڪٽجي ويو اهو ان ڏانهن ڏسي جنهن جا ٻئي هٿ ڪٽجي چُڪا آهن، جنهن جي هڪ اک ضايع ٿي وئي هجي اهو نابين کي ڏانهن نظر ڪري. گهٽ پگهار وارو بي روزگار ڏانهن، فليٽ ۾ رهڻ وارو ڪوٺي ۽ بنگلي واري کي ڏسڻ بدران جهونپڙي ۾ رهڻ واري بلڪ فٽ پاٿ تي رهڻ واري کي ڏسي. شايد ڪو سوچي تہ **نابين** ۽ **ڪينسر** وارو ڪنهن ڏانهن ڏسن؟

www.dawateislami.net

اهي بہ پاڻ کان وڏيڪ تڪليف وارن ڏانهن ڏسن مثلاً **نابين شخص** ان تي غور ڪري جيڪو نابين هجڻ سان گڏوگڏ پيرن کان بہ معذور هجي، اهڙيءَ طرح **ڪينسر** وارو غور ڪري تہ فلاڻي کي ڪينسر سان گڏوگڏ دل جو مرض يا فالج بہ آهي. بهرحال دنيا ۾ هر آفت کان وڏي آفت ملي ويندي.**هڪ مسلمان جي لاءِ تمام وڏي آفت گناهن جي نُحُوست آهي ۽ خدا جو قسم! سڀ کان وڏي مصيبت ڪفر آهي.** هر اهو مسلمان جيڪو ڪيڏو بہ وڏو مريض ۽ غمن سان ڀريل هجي ان کي گهرجي تہ شڪر ادا ڪري جو **الله تعاليٰ** ان کي ايمان جي نعمت سان نوازيو ۽ **ڪفر جي مصيبت** کان محفوظ رکيو آهي.

اصل برباد کُن اَمراض گناہوں کے ہیں
کیوں تو یہ بات فراموش کیا جاتا ہے

# صبر آسان بڻائڻ جو طريقو

**مصيبت** تي **صبر** کي آسان بڻائڻ جو هڪ عمل اهو بہ آهي تہ اهڙي طرح پنهنجو ذهن بڻايو وڃي تہ اها مصيبت قليل المدت، عارضي ۽ هلڪي آهي ۽ جلد ختم ٿيڻ واري آهي پر **صبر** جي صورت ۾ ملڻ وارو اجر ۽

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود شريف پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

ثواب ڪڏهن ختم نه ٿيندو. تنهنڪري **صبر** ۾ ئي ڀلائي آهي. هڪ بزرگ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا: "**مصيبت** جڏهن نازل ٿيندي آهي ته وڏي هوندي آهي پوءِ آهستي آهستي ننڍي ٿيندي ويندي آهي" ان جو واقعي گهڻن کي تجربو هوندو مثال طور جڏهن ڪو ٽينشن ايندو آهي ته انسان پريشان ٿي ويندو آهي ۽ ان جي ننڊ ڦِٽي ويندي آهي! پوءِ آهستي آهستي عادي ٿي ويندو آهي. ان کي هن مثال مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو مثال طور ڪو مزي سان ٽي وي تي بيهوده ڊرامو ڏسي رهيو هجي ۽ اوچتو ان جي اکين جي نظر ختم ٿي وڃي، يقينًا اهو روئي روئي آسمان مٿي تي کڻندو جڏهن ته جيڪو اڳ ۾ ئي نابين هوندو آهي اهو کل مذاق سڀ ڪجهه ڪندو رهندو آهي. ڇو؟ ان لاءِ ته ان جي لاءِ نابين هجڻ پُراڻي ڳالهه ٿي چُڪي آهي! ان کان وڌيڪ واضح مثال جنهن سان سڀني کي واسطو پوندو آهي اهو هي آهي ته گهر ۾ فوتگي ٿي وڃي ته ڪُهرام مچي ويندو آهي ۽ پوءِ هوريان هوريان سڀ غم ختم ٿي ويندا آهن ۽ خوشيون، مذاق مسخري ۽ پڻ شادين جو سلسلو نئين سر شروع ٿي ويندو آهي.

www.dawateislami.net

عمر بھر کون کسے یاد کرتا ہے!
وقت کے ساتھ خیالات بدل جاتے ہیں

## جيڪڏهن هيئن ڪريان ها تہ هيئن ٿئي ها!

**حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رضی الله تعالیٰ عنه بيان ڪن ٿا تہ "سرڪارِ مدينہءِ منوره، سردارِ مڪہءِ مڪرمہ صلی الله تعالیٰ علیه واله وسلم جن ارشاد فرمايو:"طاقتور مؤمن ڪمزور مؤمن ڪان بهتر ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کي وڏيڪ محبوب آهي ۽ بنهي ۾ ڀلائي آهي، جيڪو ڪم توهان کي نفعو ڏي ان جي حرص ڪريو، الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد چاهيو ۽ ٿَڪجي نہ ويهو ۽ جيڪڏهن توهان کي ڪو نقصان پهچي وڃي تہ هيئن نہ چئو تہ"جيڪڏهن مان هيئن ڪيان ها تہ هيئن ٿئي ها"بلڪ هيئن چئو : **قَدَّرَ اللّٰهُ وَمَا شَاءَ فَعَلَ** يعني الله تعاليٰ اهو ئي مقدر ڪيو هو ۽ ان جيڪو چاهيو ڪيو." ڇوتہ لو (يعني هيئن هوندئن) جو لفظ شيطان جو ڪم شروع ڪري ڇڏيندو آهي. **(صحيح مسلم ص 1432 حديث 2664 دار ابن حزم بيروت)**

مُفَسّرِ شهير حڪيم الامت حضرتِ مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنان حديث شريف جي لفظن "جيڪڏهن توهان کي نقصان پهچي وڃي تہ هيئن نہ چئو تہ جيڪڏهن مان

www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰه تعالٰى عليه واٰله وسلّم : **توهان جتي بہ هجو مون تي درود شريف پڙهو توهان جو درود شريف مون تائين پهچندو آهي .**

هيئن ڪيان ها تہ هيئن ٿئي ها" جي تحت فرمائن ٿا: چوڻ اهو چوڻ ۾ دل کي رنج بہ گهڻو ٿيندو آهي ربّ تعاليٰ بہ ناراض ٿيندو آهي. جيڪڏهن (مثال طور هيئن چوڻ تہ) مان پنهنجو مال فلاڻي وقت وڪڻان ها تہ وڏو نفعو ٿئي ها پر مون غلطي ڪئي جو هاڻي وڪيو، افسوس! وڏي غلطي ڪئي (ان طرح جون ڳالهيون ڪرڻ) اهو بُرو آهي. پر ديني مُعاملن ۾ اهڙي گفتگو سُٺي آهي. هتي دنياوي نقصان مُراد آهن. ۽ اهي لفظ "هيئن هوندئن جو لفظ شيطان جو ڪم شروع ڪري ڇڏيندو آهي." جي تحت فرمائن ٿا: هن "هيئن هوندئن"سان انسان جو ڀروسو اللّٰه تعاليٰ تي ناهي رهندو پاڻ تي يا اسباب تي ٿي ويندو آهي. خيال رهي تہ هتي دنيا جي"هيئن هوندئن" جو ذڪر آهي ديني ڪمن ۾ هيئن هوندئن، افسوس ۽ شرمساري سٺي شيءِ آهي جيڪڏهن مان ايتري زندگي اللّٰه (عَزَّوَجَلَّ) جي اطاعت ۾ گذاريان تہ **متقي** ٿي وڃان ها پر مون گناهن ۾ گذاري هاءِ افسوس! اهو (يعني هن طرح جو هيئن هوندئن چوڻ عبادت آهي (۽ پڻ هيئن چوڻ تہ جيڪڏهن مان حضور ڪريم صَلَّى اللّٰه تعالٰى عليه واٰله وسلّم جي زماني مبارڪ ۾ هجان ها تہ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰه تعالٰى عليه واٰله وسلّم جي

www.dawateislami.net

قدمن تي دل ۽ جان قربان ڪري ڇڏيان ها پر مان هيترو عرصو بعد ۾ پيدا ٿيس، هاءِ افسوس! اها (ديوانگيءَ واري ڳالهه به) عبادت آهي اعليٰ حضرت قدس سره ارشاد فرمايو.

جو ہم بھی واں ہوتے خاکِ گلشن لپٹ کے قدموں سے لیتے اُترن

مگر کریں کیا نصیب میں تو یہ نامُرادی کے دن لکھے تھے

(مرآة ج 7 ص 113)

# ائين ڇو ٿيو؟

www.dawateislami.net

**حضرتِ** سيّدُنا عبدالله بن مسعود رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائيندا هئا: مان پنهنجي زبان تي **ٽانڊو** رکڻ کي هن کان بهتر سمجهان ٿو جو مان ڪنهن (دنياوي) شيءِ جي باري ۾ هيئن چوان ته ”هيئن ڇو ٿيو؟“

اے مقدّر کی رُوٹھی ہواؤ سنو! حالِ دل پر نہ یوں مسکراؤ سنو

آندھیو! گردِشو تم بھی آؤ سنو! مصطفٰے میرے حامی و غمخوار ہیں

# انتهائي نازڪ معاملو

**تنگدستي**، بيماري، پريشاني ۽ فوتگي جي موقعن تي صدمي ۽ ڪاوڙ جي ڪري ڪجهه ماڻهو **نعوذبالله**

**ڪفريہ جملا** بہ بَڪندا آهن. **ياد رکو!** الله عَزَّوَجَلَّ **تي** اعتراض ڪرڻ ان کي ظالم يا ضرورتمند يا محتاج يا عاجز سمجهڻ يا ڇوڙ اهي سڀ ڪفر آهن ۽ اهو بہ ياد رهي تہ بنا اڪراهِ شرعي هوش ۽ حواس جي عالم ۾ **صريح** (يعني چِٽو) **ڪفر** بَڪڻ وارو ۽ ها ۾ ها ملائڻ وارو بلڪ تائيد ۾ مَٿو لوڏڻ وارو بہ **ڪافر** ٿي ويندو آهي. شادي شده هيو تہ ان جو نِڪاح بہ ٽُٽي ويندو، ڪنهن جو مُريد هيو تہ **بيعت** بہ ختم ٿي ويندي ۽ سڄي زندگيءَ جا **نيڪ عمل** برباد ٿي ويندا آهن جيڪڏهن **حج** ڪيو هو تہ اهو بہ ويو، هاڻي **تجديدِ ايمان** يعني نئين سِري سان مسلمان ٿيڻ ڪان پوءِ صاحبِ استطاعت ٿيڻ تي نئين سِري **حج** فرض ٿيندو. هٿوهٿ پريشاني جي موقعن تي عام طور تي بَڪيا ويندڙ **ڪفريات** جا مثال بہ ٻُڌو.

## "ڪفر تمام وڏي آفت آهي" جي سورهن اکرن جي نسبت سان ڪفريہ جملن جا 16 مثال

﴿1﴾ جيڪو چوي: "هميشہ سڀ ڪجهہ الله تي ڇڏي بہ ڏٺم ڪجهہ نہ ٿو ٿئي" اهو ڪفر آهي. ﴿2﴾ جنهن شخص

www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم : **مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.**

مصيبتون پهچڻ تي چيو: اي الله تو مال وٺي ڇڏيو، فلاڻي شيءِ ورتئي، هاڻي ڇا ڪندين؟ يا هاڻي باقي ڇا رهجي ويو؟ اهو قول **ڪفر** آهي (ماخوذ از بهارِ شريعت حصو 9 ص 172 مدينة المرشد بريلي شريف) ﴿3﴾ جيڪو چوي: "جيڪڏهن الله تعاليٰ منهنجي بيماريءَ جي باوُجود مون کي عذاب ڏنو تہ ان مون تي ظلم ڪيو." اهو چوڻ **ڪفر** آهي. (البحر الرائق ج 5 ص 209 ڪوئٽہ) ﴿4﴾ جيڪو چوي: "الله مجبورن کي ويتر پريشان ڪيو آهي." اهو **ڪفر** آهي. ﴿5﴾ جيڪو چوي: "**اي** الله عَزَّوَجَلَّ مون کي روزي ڏي ۽ مون کي تنگدستي ڏيئي ظلم نہ ڪر." ائين چوڻ **ڪفر** آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 2 ص 260 ڪوئٽہ) ﴿6﴾ تنگدستي جي ڪري ڪافرن وٽ نوڪري جي خاطر يا بغير شرعي عذر جي سياسي پناهہ حاصل ڪرڻ جي لاءِ ويزا فارم تي يا ڪهڙي طرح بہ رقم وغيره جي بچت لاءِ درخواست تي جيڪڏهن پاڻ کي ڪوڙ ۾ ڪرسچين، يهودي، قادياني، يا ڪنهن بہ ڪافر ۽ مرتد ٽولي جو ماڻهو لکڻ يا لکرائڻ **ڪفر** آهي. ﴿7﴾ ڪنهن کان مالي مدد جي درخواست ڪندي چوڻ يا لکڻ تہ "جيڪڏهن توهان ڪم نہ ڪيو تہ مان قادياني يا

www.dawateislami.net

ڪرسچين ٿي ويندس.” ائين چوڻ يا لکڻ وارو هڪدم **ڪافر** ٿي ويو. ايتري تائين جو ڪو چوي ته مان 100 سالن کان پوءِ ڪافر ٿي ويندس اهو چوڻ سان ئي **ڪافر** ٿي ويو. ﴿8﴾ جيڪو چوي: جڏهن **الله تعاليٰ** مون کي دنيا ۾ ڪجهه نه ڏنو آ ته آخر پيدا ڇو ڪيو! اهو قول **ڪفر** آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 2 ص 262 ڪوئٽه) ﴿9﴾ ڪنهن مِسڪين پنهنجي **محتاجيءَ** کي ڏسي اهو چيو: **يا الله** عَزَّوَجَلَّ فلاڻو به تنهنجو ٻانهو آهي، ان کي تو ڪيتريون نعمتون ڏنيون آهن ۽ مان به تنهنجو ٻانهو آهيان مون کي ڪيتريقدر پريشاني ۽ تڪليف ٿو ڏين! آخر اهو ڪهڙو انصاف آهي؟” ائين چوڻ **ڪفر** آهي. (بهارِ شريعت حصو 9 ص 170 مدينة المرشد بريلي شريف) ﴿10﴾ “ڪافرن ۽ مالدارن کي راحتون ۽ نادارن (يعني غريبن) تي آفتون! بس يار **الله تعاليٰ** جي گهر جو ته سڄو نظام ئي ابتو آهي.” ائين چوڻ **ڪفر** آهي ﴿11﴾ ڪنهن جو انتقال ٿي ويو ان تي ٻئي شخص چيو، “**الله تعاليٰ** کي ائين نه ڪرڻ گهرجي ها.” اهو به **ڪفريه** جملو آهي. ﴿12﴾ ڪنهن جو پُٽ فوت ٿي ويو ، ان چيو : **الله تعاليٰ** کي ان جي ضرورت

www.dawateislami.net

پئي هوندي اهو قول **ڪفر** آهي ڇوته ڇوڻ واري الله تعاليٰ کي محتاج قرار ڏنو. (الفتاويٰ البزازيه عليٰ هامش الفتاوي! الهنديه ج 6 ص 349 ڪوئٽه) **﴿13﴾** ڪنهن جي موت تي عام طور تي ماڻهو بَڪندا آهن: الله تعاليٰ کي نه ڄاڻ ان جي کهڙي ضرورت پئجي وئي جو جلدي گهرايائين يا چوندا آهن: الله عَزَّوَجَلَّ کي به نيڪ ماڻهن جي ضرورت پوندي آهي ان لاءِ جلدي گهرائيندو آهي. (اهو ٻُڌي ڳالهه سمجهڻ جي باوُجود به عام طور تي ماڻهو ها ۾ ها ملائيندا آهن يا تائيد ۾ مَٿو لوڏيندا آهن چوڻ واري سان گڏوگڏ انهن سيني تي به ڪفر جو حڪم آهي) **﴿14﴾** ڪنهن جي موت تي چيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ننڍن ننڍن ٻارن تي به توکي رحم نه آيو! ائين چوڻ ڪفر آهي **﴿15﴾** نوجوان جي موت تي چيو، "يا الله! عَزَّوَجَلَّ ان جي ڀرپور جوانيءَ تي ئي رحم ڪرين ها! جيڪڏهن توکي ساهه وٺڻو هو ته فلاڻي پوڙهي يا پوڙهيءَ جو ساهه وٺين ها." اهو چوڻ ڪفر آهي. **﴿16﴾** يا الله عَزَّوَجَلَّ! آخر ان جي اهڙي کهڙي ضرورت پئجي وئي جو ان کي تو جلدي گهرائي ورتو، اهو چوڻ ڪفر آهي.

وڌيڪ تفصيل جي لاءِ مڪتبة المدينه تان صرف هڪ رپيو هديو ڏئي رسالو "**28 ڪفريه جملا**" ۽ تجديدِ ايمان

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي .

۽ نڪاح جو طريقو" حاصل ڪري ضرور مطالعو فرمايو. بلڪ گهٽي ڪان گهٽي تعداد ۾ خريد ڪري ورهايو. قابلِ اعتماد هاڪر کي ڏئي ڇڏيو اهو اخبار سان گڏ ان شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ گهر گهر پهچائي ڇڏيندو.ان کي سمجهايو تہ اخبار اچلائڻ جي بدران هٿن ۾ ڏي يا رکي ڇڏي جو عام طور تي هر اخبار ۾ اللہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم جو مبارڪ نالو ۽ مذهبي مضمون شامل هوندا آهن. **شادي ڪارڊ** وغيره ۾ بہ هڪ هڪ رسالو وجهي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ڪفر بَڪيا هجن ۽ توهان جو ڏنل رسالو پڙهي ان **توبهہ** ڪري ورتي تہ ان شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ توهان جو بہ بيڙو پار ٿي ويندو. مون کي هند جي هڪ اسلامي ڀاءُ فون تي ٻُڌايو تہ **خواجہ غريب نواز** رَحْمَۃُ اللہِ تعالٰی عَلَیْہِ جي عرس شريف (1426هہ) ۾ **اجمير شريف** ڏانهن ويندي ۽ ايندي ٽِرين ۾ هِندي ۾ ترجمو ڪيل رسالو"28 **ڪلماتِ ڪفر**" گهٽو ورهايو. **ان کي پڙهي سوين ماڻهن توبهہ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي**.

گنبدِ خضریٰ کی ٹھنڈی چھاؤں میں مِرا
خاتمہ بالخیر ہو بہرِ نبی پروردگار

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنھن وٽ منھنجو ذڪر ٿئي ۽ اھو مون تي درود شريف نہ پڙھي .

# غم برداشت ڪرڻ جو ذھن بڻايو

**مصيبت** تي **صبر** ڪرڻ جي لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻ جو ھڪ طريقو اھو بہ آھي تہ وڏين مصيبتن جو اڳ ۾ ئي تَصَوُّر ڪري **صبر** جو پَڪو ارادو ڪيو وڃي. مثال طور اھو تصوُّر ڪيو وڃي تہ جيڪڏھن گھر ۾ منھنجي حياتيءَ ۾ ڪو مري ويو تہ **ان شآءَالله** عزوجل مان **صبر** ڪندس، جيڪڏھن **نوڪري** ھلي وئي يا **انٽرويو** ۾ فيل ٿيس يا مون ۾ ھميشہ لاءِ جسماني عيب پيدا ٿي ويو مثال طور لنگڙو، ڪاڻو يا **اوچتو انڌو** ٿي ويس يا ڪنھن دڙڪو ڏنو، دل آزاري ڪئي تہ **صبر** ڪري ثواب حاصل ڪندس. جيڪڏھن واقعي **مصيبت** اچي بہ وڃي تہ پوءِ پنھنجي **صبر** واري ارادي تي قائم رھي. اسان جا **بزرگانِ دين** رحمھم الله المبين فرمائيندا ھئا. جنھن کي صبر نہ اچي اھو ڪوشش ڪري بہ **صبر** اختيار ڪري، ۽ پڻ پياري پياري آقا، **مديني واري مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمانِ عاليشان آھي:"**جيڪو تڪلف جي طور تي صبر ڪندو، الله تعاليٰ ان کي صبر عطا فرمائيندو ۽ ڪنھن کي صبر کان وڌيڪ خير ۽ وسعت واري شيءِ عطا نہ**

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.

ڪٽئي وئي.“ (صحيح البخاري ج 1 ص 496 حديث 1469 دارالڪتب العلميه بيروت) اهڙيءَ طرح **صبر** ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ ان جا فضائل ۽ بي صبري جي دنياوي ۽ اخروي نقصانن جي باري ۾ غور ڪيو وڃي، پنهنجو پاڻ کي عبادتن ۾ مشغول رکيو وڃي، ائين ڪرڻ سان بہ **مصيبت** کان ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ توجهہ هٽي ويندو ۽ صبر ڪرڻ آسان ٿيندو.

# هروڀرو سوچيندو رهڻ جا عظيم نقصان

ڪجهہ حڪيمن جو قول آهي“ ٽن شين ۾ غور نہ ڪر(1) پنهنجي مفلسي ۽ تنگدستي (۽ مصيبت) تي، ڇوتہ ان ۾ غور ڪندو رهڻ سان تنهنجي غم (يعني ٽينشن) ۾ اضافو ۽ حرص ۾ زيادتي ٿيندي (2) پنهنجي مٿان ظلم ڪرڻ واري جي ظلم تي غور نہ ڪر جو ان سان تنهنجي دل ۾ ڪينو وڌندو ۽ ڪاوڙ باقي رهندي (3) دنيا ۾ گهڻو وقت زندهہ رهڻ جي باري ۾ نہ سوچ جو ائين مال گڏ ڪرڻ ۾ پنهنجي عمر ضايع ڪندين ۽ عمل جي مُعاملي ۾ ٽال مَٽول کان ڪم وٺندين.” تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ دنياوي فڪرن ۾ جان کپائڻ جي بدران آخرت جي مُعاملن ۾ ائين مشغول ٿي وڃون جيئن اسان

www.dawateislami.net

جي بزرگن رحمهم الله تعاليٰ جو مدني انداز هو. جيئن تہ

## ڇا حال آهي؟

**حضرتِ** سيِّدُنا مالڪ بن دينار عليه رحمة الله الغفار ڪان ڪنهن پُڇيو: **ڇا حال آهي**؟ فرمايائون: ان شخص جو ڇا حال هوندو جيڪو هڪ گهر (يعني دنيا) ڪان ٻئي گهر (يعني آخرت) ڏانهن وڃڻ جي فڪر ۾ لڳل هجي ۽ اهو نہ ڄاڻندو هجي تہ جنّت ۾ وڃڻو آهي يا دوزخ نڪاڻو آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! اسان جي بزرگن رحمهم الله تعاليٰ کي صرف **آخرت جي ڏُن** هوندي هئي، ڪيتري ئي بُک ۽ تنگدستي هوندي هئي پر اهي ذري برابر بہ ان جي پرواهہ نہ ڪندا هئا ڇوتہ انهن پاڪ هستين جو ذهن نهيل هيو تہ دنيا جي تڪليفن ۾ تہ جيئن تيئن ڪري گذارو ٿي ئي ويندو پر **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ قبر ۽ آخرت ۾ جيڪڏهن تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو تہ بُري طرح ڦاسي ويندا سين. ان مان اسان جا اهي اسلامي ڀائر بہ عبرت حاصل ڪن جيڪي دنيا ۾ **تنگدستي** جي ڪري تہ فِڪرمند هوندا آهن پر **آخرت** جي مشڪلات کان نَجات ڏانهن ڪين ڪو ڌيان ئي ناهي هوندو! حالانڪ

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي .

تنگدستي جنهن جي ڪري اهي پريشان آهن صبر ڪن تہ آخرت حالانڪہ (دنيا) ۾ ان جي لاءِ ڇوٽڪاري جو سامان آهي. **مصيبتن** ۽ **تڪليفن** تي **صبر** جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلن** ۾ سفر جي خوب سعادت حاصل ڪريو. ترغيب جي لاءِ **مدني قافلن** جي هڪ بهار ٻُڌو. جيئن تہ هڪ واقعو پنهنجي انداز ۾ عرض ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو:

# جوشيلو مبلغ

www.dawateislami.net

**عاشقانِ** رسول جو هڪ **مدني قافلو** جهلم (پنجاب) جي هڪ ڳوٺ ۾ 12 ڏينهن جي لاءِ سنّتن جي تربيت جي خاطر پهتو. جنهن مسجد ۾ قيام هيو، ان جي سامهون واري گهر ۾ رهڻ واري هڪ نوجوان تي هڪ عاشقِ رسول **انفرادي ڪوشش** ڪندي مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏياري. اهي نوجوان رُڳو 2 ڏينهن گڏ رهڻ جي لاءِ تيار ٿيا ۽ مدني قافلي وارن سان گڏ سنّتون سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ مصروف ٿي ويا. رُڳو ٻہ ڏينهن مدني قافلي ۾ گذارڻ جي بَرَڪت سان پنهنجي گهر ۾ نمازن جي تلقين ڪيائون.جيئن تہ گهر جا بااثر شخص هئا. **الحمدللہ**

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي درود شريف پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو .

عَزَّوَجَلَّ تقريبًا سيني نماز پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي. انهن پاڙي ۾ مامي جي گھر ۾ وڃي **نيڪيءَ جي دعوت** پيش ڪئي. گھروارن کي **T.V.** جون تباهہ ڪاريون ٻُڌائي. الله تواب عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کان ڪين ڊيڄاريو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ سيني جي رضامنديءَ سان گھر مان **T.V.** ڪڍي وئي.ٻئي ڏينهن صبح جو ڪپڙن تي اِستري ڪندي اوچتو ڪين ڪرنٽ لڳو ۽ انهيءَ وقت انهن دم ڏنو. گھروارن جو چوڻ آهي تہ اسان واضح طور تي ٻُڌو تہ وفات جي وقت ان جي زبان تي **ڪلمهءِ طيبه لَا اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جاري هيو ۽ دم نڪري ويو. الله عَزَّوَجَلَّ مرحوم جي مغفرت فرمائي. مرحوم خوشنصيب هيو جو ڪيس مرڻ وقت ڪلمو نصيب ٿي ويو. نبي رحمت، شفيع رحمت، مالڪِ جنّت، محبوب رب **العزت** عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو فرمانِ جنّت نِشان آهي: "**جنهن جو آخري جملو لاالٰه الا الله** (يعني ڪلمهءِ طيبہ) **هجي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو**."

**(سنن ابی داؤد ج 3 ص 255 حديث 3116 داراحياء التراث العربي بيروت)**

کوئی آیا پاکے چلا گیا کوئی عمر بھر بھی نہ پا سکا
مرے مولی تجھ سے گلہ نہیں یہ تو اپنا اپنا نصیب ہے

www.dawateislami.net

**صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** تنگدستي ۽ غربت وغيره کان مايوس ٿي **خودڪشي** جو رستو اختيار ڪرڻ خُدا جو قسم! سخت غلطي آهي. **الله تعاليٰ** جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ خوش دليءَ سان انهن تڪليفن ۽ مصيبتن تي **صبر** ڪرڻ گهرجي ۽ **جيڪڏهن ڪرڻي ئي آهي تہ خودڪشي نہ "نفس ڪشي" ڪرڻ گهرجي**. آهہ! شيطان مردود اسان جي نفساني خواهشن کي اياري اسان کي کهڙين برائين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي! **ڪاش!** اسان "نفس ڪُشي" يعني نفس کي مارڻ ۾ ائين مصروف ٿي وڃون جو بزرگن جي هن قول مبارڪ "**مُوۡتُوۡا قَبۡلَ اَنۡ تَمُوۡتُوۡا**" يعني مرڻ کان اڳ ۾ مري وڃو" **(ڪشف الخفاء ج 2 ص 260 دار الڪتب العلميه بيروت)** جو مِصداق بڻجي وڃون ۽ دولت جي خواهشن ۽ غربت جي پريشانين کان بي نياز ٿي وڃون. يقين ڄاڻو مالدار جي مُقابلي ۾ غريب ۽ نادار فائدي ۾ آهي. جيئن تہ

## آهہ! ويچارا مالدار !!

**امامُ الانصارِ وَ المهاجِرين، مُحِبُّ الفُقَرَاءِ وَالۡمَساڪِين، جنابِ**

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود شريف پڙهو توهان جو درود شريف مون تائين پهچندو آهي .

**رحمةٌ لِّلعٰلمين** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمانِ دلنشين آهي: "قيامت جي ڏينهن غريب مالدارن کان **500** سال اڳ ۾ جنّت ۾ داخل ٿيندا." (سنن الترمذي ج 4 ص 157 حديث 2358 دارالفکر بيروت)

**هڪ** روايت ۾ آهي، فرمايائون: **الله تعاليٰ** سوال کان بچڻ واري غريب ٻارن ٻچن واري مسلمان سان گهڻي مَحَبَّت فرمائيندو آهي. (سنن ابنِ ماجہ ج 4 ص 432 حديث 4121 دار المعرفه بيروت)

مَحبَّت میں اپنی گُما یا الٰہی
نہ پاؤں میں اپنا پتا یا الٰہی

www.dawateislami.net

# خودڪشي جو هڪ سبب مجازي عشق آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** روزانو اخبارن ۾ اهي خبرون شايع ٿينديون آهن تہ فلاڻي يا فلاڻيءَ پنهنجي پسند جي **شاديءَ** ۾ گهروارن جي رُڪاوٽ جي ڪري مايوس ٿي **خودڪشي** ڪئي. نموني طور "روزنامہ نواءِ وقت" (ڪراچي 4 آگسٽ **2004**ع) جون بہ خبرون ملاحظہ فرمايو.

﴿1﴾ "پسند جي شادي نہ ٿيڻ تي هڪ نوجوان زهر پي ڇڏيو" ﴿2﴾ "مَحبَّت ۾ ناڪاميءَ تي دادو (سنڌ) جي نوجوان **خودڪشي** ڪري ڇڏي." اهڙي قسم جا موت بہ وڏا حسرت

پريا هوندا آهن. عُرياني ۽ فَحاشي، گڏيل تعليم، بي پردگي، فلمون ڏسڻ، ناولن ۽ اخبارن جي عِشقيہ ۽ فِسقيہ مضمونن جو مطالعو وغيره **عشقِ مجازي** جا سبب آهن. لاشُعوري جي عمر ۾ گڏ کيڏڻ وارا ٻار ۽ ٻارڙيون بہ ننڍپڻ جي دوستيءَ جي ڪري ان ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا. پيءُ ماءُ جيڪڏهن شروع کان ئي پنهنجي ٻارن کي ڏارين بلڪ بلڪل ويجهن مائٽن بلڪ سڳن ڀائرن ڀينرن جي ٻارڙين ۽ نياڻين کي اهڙيءَ طرح ٻين جي پُٺن سان کيڏڻ کان پري رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ۽ بيان ڪيل ٻين سببن کان بچائڻ جي بہ ڪوشش ڪن تہ **عشقِ مجازي** کان ڪافي حد تائين ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو. ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري **حبيب** صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي محبت جو درس ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۾ حقيقي معنيٰ ۾ **محبتِ رسول** صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم گهر ڪري وئي تہ ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ **عشقِ مجازي** کان محفوظ ٿي ويندو.

مَحبَّت غير کی دل سے نکالو يارسولَ الله مجھے اپنا ہی ديوانہ بنالو يارسولَ الله

## خودڪشيءَ جو هڪ سبب بي روزگاري

**بي روزگاري** يا قرضداري کان تنگ اچي بہ ڪجهہ

www.dawateislami.net

ماڻهو **خودڪشي** جو رستو وٺندا آهن. آسائشن، عمده غذائن، شادين وغيره جي موقعن تي فُضول خرچين، گهر جي اندر جي سجاوٽن، گاڏين وغيره جي لاءِ گهٽي کان گهٽي رقم جي گهر ۽ تمام وڏو سرمائيدار بڻجي وڃڻ جا سونهري خواب بہ ان جا سبب آهن. جيڪڏهن لَٽي ڪپڙي، کائڻ پيئڻ وغيره ۾ حقيقي سادگي اپنائڻ جو **مدني ذهن** بڻجي وڃي تہ ٿوري آمدني تي گذارو ڪرڻ آسان ٿي وڃي ۽ ان سبب کان شايد ڪوبہ مسلمان **خودڪشي** جهڙو حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم نہ ڪري. دراصل علمِ دين کان دوري جي ڪري بہ ائين ٿي رهيو آهي. **توهان ڪڏهن بہ نہ ٻُڌو هوندو تہ فلاڻي عالم يا پيش امام صاحب خودڪشي ڪئي!حالانڪہ علماءِ ڪرام جي اڪثريت ٿوري آمدني تي گذارو ڪري ٿي.**

دولت کی فِراوانی ہے مانگنا نادانی
آقا کی مَحبّت ہی دَراَصل خزینہ ہے

## سيني جي روزي الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمي ڪرم تي آهي

**روزگار** جي مُعاملي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ تي عملي طور تي بہ حقيقي معنيٰ ۾ توڪل يعني (ڀروسو) قائم ڪريو. بيشڪ

www.dawateislami.net

اهو ڪيولين کي ڪٽوءِ ھاٿي کي مڻ عطا ڪرڻ وارو آهي، يقينًا يقينًا هر ساهه واري جي روزي ان جي ذمي ڪرم تي آهي. جيئن ته ٻارهين سيپاري جي ابتدا ۾ ارشادِ باري عَزَّوَجَلَّ آهي.

وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِى الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزۡقُهَا (پ١٢هود ٦)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ زمين تي چرندڙ ڪابه شيءِ اهڙي نه آهي جنهن جو رزق الله جي ڪرم جي ذمي نه هجي.

## پکين جي روزيءَ جو مثال

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** غور طلب ڳالهه اها آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ هر هڪ جي **روزي** ته پنهنجي ذمي ڪرم تي رکي آهي پر هر هڪ جي **مغفرت** جو ذمو نه ڪنيو. اهو مسلمان ڪيتريقدر نادان آهي جيڪو **رزق** جي گهٽائيءَ جي لاءِ هيڏي هوڏي ڦري پر **مغفرت** جي حسرت نه ڪري.

سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مدينهءِ منوره صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو فرمانِ ذيشان آهي: "جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ تي اهڙي توڪل ڪريو جهڙو ان تي توڪل ڪرڻ جو حق آهي ته توهان کي اهڙيءَ طرح رزق عطا ڪيو ويندو

جهڙيءَ طرح پکين کي رزق عطا ڪيو ويندو آهي جو اهي صبح جو بُکايل ويندا آهن ۽ شام جو پيٽ ڀري موٽندا آهن.” (سنن الترمذي ج 4 ص 154 حديث 2351 دار الفکر بيروت)

مجھ کو دنیا کی دولت کی کثرت نہ دے
چاہے ثروت نہ دے کوئی شُہرت نہ دے
فانی دنیا کی مجھ کو حکومت نہ دے
تجھ سے عطّار تیرا طلبگار ہے

## خودڪشيءَ جو هڪ سبب گهرو اٽڪڻ

**خودڪشيءَ** جو هڪ وڏو سبب **گهرو اٽڪڻ** بہ آهي. جيئن تہ ”روزنامہ نواءِ وقت“ (5 آگسٽ 2004ع) جي خبر آهي: ”هڪ نوجوان روهڙي ٽاڻي جي حد ۾ **گهرو مسئلن** کان تنگ ٿي خودڪُشي ڪري ڇڏي.“ افسوس! شيطان مردود سرڪارِ مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي سنّتن کان پري ڪري اسان جي گهرن جو سڪون برباد ڪري ڇڏيو آهي، اسان جي زندگيءَ جو نظام بگڙجي ويو آهي، گهرو زندگيءَ ۾ اسلامي ۽ اخلاقي طور طريقا نڪري چڪا آهن، علمِ دين کان دوري ۽ **سنت** جي مطابق اخلاقي تربيت نہ هجڻ جي نحوست جي ڪري گهر جا اڪثر ڀاتي هڪٻئي کان نفرت ڪرڻ لڳا آهن. گهرو جهيڙن کان تنگ ٿي ڪڏهن **گهرواريون خودڪشي** ڪري

www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درود شريف پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

ٿي تہ ڪڏهن مڙس، ڪڏهن **ڌيءُ خودڪشي** ڪري ٿي تہ ڪڏهن پٽ، ائين ئي ڪڏهن ماءُ خودڪُشي ڪري ٿي تہ ڪڏهن پيءُ. گهرو مسئلن جو هڪ حل گهرن ۾ مڪتبة المدينه جي طرفان جاري ڪيل **مدني مذاڪري** يا سنّتن ڀرئي **بيان** جي هڪ ڪيسيٽ روزانو ٻُڌڻ يا سنّتن ڀرئي بيان جي.V.C.D ڏسڻ ۽ **فيضانِ سنت** جو گهر ۾ روزانو درس جاري ڪرڻ ۽ پنهنجي گهر ۾ **دعوتِ اسلامي** جو مدني ماحول قائم ڪرڻ بہ آهي. جنهن گهر جو هر ڀاتي نمازي ۽ سنّتن جو عادي هوندو اهڙي طرح ڏاڙهي، زلفن ۽ عمامہ شريف پائڻ وارن **عاشقانِ رسول** ۽ **پردي جي پابندي ڪرڻ وارن گهراڻن** مان ان **شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ توهان کي ڪڏهن بہ خودڪشي جي منحوس خبر ٻُڌڻ ۾ نہ ايندي**. اها آفت بي نمازين، فيشن پرستن، فلمون ڊراما ڏسڻ وارن، گانا باجا ٻُڌڻ وارن، صرف دنياوي تعليم کي سڀ ڪجهہ سمجهڻ وارن ۽ بي عمليءَ جي زندگي گذارڻ وارن جو حصو آهي. خدا جو قسم! مون کي **خودڪشي** ڏانهن مائل ٿيڻ واري هر مسلمان سان همدردي آهي ، ماڻهو شايد انهن کان نفرت

www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود شريف پڙهو توهان جو درود شريف مون تائين پهچندو آهي .

ڪندا هجن پر مون کي انهن تي شفقت آهي تڏهن تہ "**خودڪشي جو علاج**" جي عنوان تي بيان ڪري رهيو آهيان، يقين ڪريو جيڪڏهن هر مسلمان **دعوتِ اسلامي** وارو بڻجي وڃي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي **پياري حبيب** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي فضل ۽ ڪرم سان مسلمانن ڪان **خودڪشي** جي نحوست جي پاڙ پٽجي وڃي.

دعوتِ اسلامی کی قیّوم سارے جہاں میں مچ جائے دھوم
اِس پہ فِدا ہو بچّہ بچّہ یااللہ! مِری جھولی بھر دے

www.dawateislami.net

## خودڪشي ڪرڻ واري جو جنازو ۽ ايصالِ ثواب

**خودڪشي** ڪرڻ واري جي **نمازِ جنازه** بہ ادا ڪئي ويندي ۽ ان کي **ايصالِ ثواب** ڪرڻ بہ جائز آهي، جيئن تہ درِ مختار ۾ آهي:"**جنهن خودڪشي ڪئي، چاهي ڄاڻي واڻي ٿي ڇو نہ ڪئي هجي، ان کي غسل ڏنو ويندو ۽ ان تي نمازِ (جنازه) بہ پڙهي ويندي** انهيءَ تي فتويٰ آهي." (در مختار ج 3 ص 127 دار المعرفه بيروت) ۽ پڻ ان شخص جي لاءِ **مغفرت جي دعا** ڪرڻ بہ بلڪل جائز آهي.

# ڪافرن جو جهنم ۾ ٽپو

**ياد** رهي ته هاڻي به مسلمانن جي مُقابلي ۾ **ڪافرن ۾ خودڪشي** جو رجحان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آهي. ايتري تائين جو هن فعل ۾ مدد جي لاءِ انهن وٽ باقاعده تنظيمون قائم آهن! منهنجي ناقص معلومات جي مطابق انهن وٽ ميوزيڪل غزلون به آهن جيڪي احمق ڪافرن کي **خودڪشي** ڪرڻ تي **اڀاري** جهنّم ۾ اڇلائي ڇڏينديون آهن! اهي ماڻهو دنياوي مُعاملن ۾ ڪيتري به ترقي ڪن پر يقين ڪريو **سڀ ڪافر بيوقوفن جا سردار آهن**، خدا جو قسم! عقلمند اهي آهن جن جي عقل **دامنِ مصطفيٰ** صلى الله تعالى عليه واله وسلم کي وٺي **خداءِ احڪم الحاڪمين** جل جلاله جي بارگاهِ عالي ۾ نِوڙت ڪئي.

دامنِ مصطفٰے سے جو لپٹا یگانہ ہوگیا
جس کے حُضور ہوگئے اُس کا زمانہ ہوگیا

## قرآن جي حڪم مطابق ڪافر بي عقل آهن

مون سيني ڪافرن کي بي عقل قرار ڏنو اهو رُڳو پنهنجي طرفان نه چيو ، ٻُڌو! نائين سيپاري سورة

www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درود شريف پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي .**

الانفال، آيت 22 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۲۲﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ سمورن جانورن مان بدترين الله وٽ اهي آهن جيڪي ٻوڙا گونگا آهن جن کي عقل ناهي.

مُفَسِّرِ شهير حڪيم الامت حضرتِ مفتي احمد يار خان عليه رحمة الحنان فرمائن ٿا: اها آيت بني عبدالدّار بن قُصَيّ جي باري ۾ لٿي جيڪو چوندو هو تہ جيڪو ڪجهہ حضور آندو اسان ان کان (گونگا) ٻوڙا، انڌا آهيون. ان مان معلوم ٿيو تہ جيڪو نبي مان فائدو حاصل نہ ڪري اهو جانورن کان بہ بدتر آهي. ڏسو نوح عليه السلام کي حڪم هيو تہ ٻيڙيءَ ۾ جانورن کي سوار ڪريو پر ڪافرن کي نہ ويهاريو. اهو بہ معلوم ٿيو تہ جنهن کي زبان، اک، ڪن عقل سان حضور جي معرفت نصيب نہ ٿئي اها (زبان) گونگي، انڌي، ٻوڙي آهي ۽ اهو عقل "بي عقلي" آهي.سيئي بني عبدالدّار احد جي جنگ ۾ مارجي ويا. انهن مان صرف ٻن شخصن ايمان آندو، مُصعَب بن عُمير ۽ سُوَيبِط بن حَرمَلہ. (نور العرفان ص 285)

www.dawateislami.net

# خودڪشي جو اهم سبب مايوسي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خودڪُشيءَ جو سڀ کان اهم سبب ذهني دٻاءُ **يعني ٽينشن ۽ مايوسي** يعني Depression آهي جنهن جي ڪري ماڻهو جو دماغ مفلوج ٿي ويندو آهي ۽ **مدني ذهن** نہ هجڻ جي صورت ۾ اهو شيطان جي دوکي ۾ اچي اهو سمجهي ويهندو آهي تہ ٽينشن ۽ مايوسي کان منهنجي جان ڇُٽي پوندي ۽ مون کي سڪون حاصل ٿيندو ۽ پوءِ هو **خودڪشي** ڪري پنهنجي لاءِ خوفناڪ بي سڪونيءَ وارو سامان ڪندو آهي.

www.dawateislami.net

سرکارِ نامدار یہی آرزو ہے کہ
غم میں تمہارے کاش! رہوں بے قرار میں

# وضو ۽ روزي جا حيرت انگيز فائدا

**ذهني** دٻاءُ يعني ٽينشن ۽ مايوسيءَ جو هڪ روحاني علاج **وضو ۽ روزو** بہ آهي، هاڻي تہ ڪافر بہ هن حقيقت کي تسليم ڪرڻ لڳا آهن. جيئن تہ هڪ ڪافر ڊاڪٽر پنهنجي مقالي ۾ اهو حيرت انگيز انڪشاف ڪيو تہ مان **ڊپريشن** يعني مايوسي جي ڪجهہ مريضن جا

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تعالٰى عليهِ واٰلهٖ وسلَّم : **مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.**

روزانو پنج پيرا منهن ڌوئرايو، ڪجهه عرصي کان پوءِ انهن جي بيماري گهٽ ٿي وئي. پوءِ اهڙي ئي مريض جي ٻئي گروپ کان روزانو پنج پيرا هٿ، منهن ڌوئرايا ته مرض ۾ تمام گهڻو فائدو ٿيو. اهو ئي ڊاڪٽر پنهنجي مقالي جي آخر ۾ اعتراف ڪري ٿو، مسلمانن ۾ مايوسيءَ جو مرض گهٽ ڏٺو ويندو آهي ڇوته اهي ڏينهن ۾ ڪيترائي پيرا هٿ، منهن ۽ پير ڌوئيندا (يعني وُضو ڪندا) آهن." هڪ انگريز ماهرِ نفسيات سِگمنڊ فرائيڊ (Sigmund Fried) روزن جي فائدن جو اعتراف ڪندي هي بيان ڏنو آهي:" **روزي سان جسم جي آڪڙجڻ، ذهني ڊپريشن ۽ نفسياتي مرضن جو خاتمو ٿيندو آهي.**"

www.dawateislami.net

# عمامو ٻڌڻ مايوسيءَ جو علاج آهي

**سرڪارِ** مدينه صَلَّى اللهُ تعالٰى عليهِ واٰلهٖ وسلَّم جن جي مبارڪ سنّت، عمامو شريف ٻَڌڻ ٻه ذهني دٻاءُ کان نَجات حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي حِلم ۽ قوّت بَرداشت وَڌائڻ جو بهترين طريقو آهي. جيئن ته حديث شريف ۾ آهي:"**عمامو ٻڌو توهان جو حلم وڌندو.**"

(المستدرک للحاکم ج 5 ص 272 حديث 7488 دار المعرفة بيروت)

# عمامو ۽ سائنس

**جديد** سائنسي تحقيق جي مطابق مستقل طور تي **عمامو شريف** مٿي تي سينگارڻ وارو خوش نصيب مسلمان **فالج** ۽ رت جي ڪري پيدا ٿيندڙ بيمارين کان محفوظ رهندو آهي ڇوته **عمامو شريف** ٻَڌڻ جي بَرَڪت سان دماغ ڏانهن ويڄڻ وارين وڏين رڳن ۾ رت جو دٻاءُ صرف ضرورت جي حد تائين رهندو آهي ۽ غير ضروري رت دماغ تائين نه ٿو پهچي سگهي! تنهنڪري آمريڪا ۾ **فالج** جي علاج لاءِ **عمامي جهڙو** "ماسڪ" (Mask) ٺاهيو ويو آهي.

www.dawateislami.net

اُن کا دیوانہ عمامہ اور زُلف و رِیش میں
واہ دیکھو تو سہی لگتا ہے کتنا شاندار

# ساهه جي ذريعي ٽينشن جو علاج

**ٽينشن** ۽ ڊپريشن گهٽ ڪرڻ جي لاءِ عملِ تَنَفُّس يعني **ساهه جي ورزش** فائديمند آهي. ان جي لاءِ فجر جو وقت بهتر هوندو آهي جو ان وقت عام طور تي دونهون ۽ شور ناهي هوندو. اهو عمل ڪنهن هوادار روشني

واري ڪمري ۾ ڪريو. اسلامي ڀائر ويراندي ۾ اهڙي نموني ويهن جو ڪنهن جي گهر ۾ نظر نہ پوي ۽ اسلامي ڀينرون بہ ايترو پري ويهن جو ڪو غير مرد انهن کي نہ ڏسي سگهي ۽ پڻ انهن جي بہ ڪنهن غير مرد تي نظر نہ پوي. ان جو طريقو نهايت آسان آهي، اڱ ۾ پنهنجي آڱر نَڪ جي ڪبي ناس تي (يعني سوراخ جي ويجهو) رکي معمولي زور ڏيو ۽ نڪ جي سڄي پاسي کان ساهہ کڻو پوءِ سڄي پاسي زور ڏيو ۽ کبي پاسي کان ساهہ ڪڍي ڇڏيو. ائين گهٽ ۾ گهٽ 30 ڀيرا اهو عمل دهرايو. جيڪڏهن ان کان وڌيڪ ڪريو تہ بہ ڪو حرج ناهي. ان سان ان شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان ٽينشن ۾ گهٽتائي ۽ ڪافي فرحت محسوس ڪندؤ.

www.dawateislami.net

## پريشانيءَ ڏانهن توجهہ هٽايو

**هڪ** ٻيو علاج جو طريقو اهو بہ آهي تہ پنهنجي پريشاني جي باري ۾سوچڻ ڇڏي ڏيو.جيڪڏهن سوچيندا رهندؤ تہ مان ڏاڍو بيمار آهيان، مان پريشان آهيان، مان مٿي کان پيرن تائين مسئلن ۾ گهريل آهيان تہ ان سان پريشاني ۽ ذهني دباءُ ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو ۽ توهان

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : **جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان .**

اندر ئي اندر ۾ ڳرندا ويندؤ.حضرتِ سيّدُنا اميرالمؤمنين علي المرتضيٰ،شيرِ خدا کَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم فرمائن ٿا،مون سرڪارِ مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم کي فرمائيندي ٻڌو،" **مَنۡ كَثُرَ هَمُّهٗ سَقِمَ بَدَنُهٗ** " يعني جنهن جون ڳڻتيون وڌيڪ هونديون آهن ان جو بدن سَقيم (يعني بيمار) ٿي ويندو آهي."

**(شعب الايمان ج 6 ص 342 حديث 8439 دارالكتب العلميه بيروت)**

دل کو سکوں چمن میں ہے نہ لالہ‌زار میں
سوز و گداز تو ہے فقط کوئے یار میں

www.dawateislami.net

# سبز گنبذ جي تصور جو طريقو

**اچو!** پنهنجي ذهن کي تازو بلڪ تازو توانو ڪرڻ جي لاءِ **ٽيون مدني طريقو** بہ ٻڌي وٺو ۽ اهو هي تہ ڪنهن بہ وقت گهٽ روشن، هوادار ۽ پُرسڪون جاءِ تي ليٽي بهترين پُر فضا جاءِ جو تَصَوُّر قائم ڪريو ۽ اهو تصور حقيقت کان بلڪل ويجهو هجي. مدينۂ منوره زادها الله شرفا ۾ واقع **گنبذِ خضريٰ** جو حسين منظر مرحبا! چوتہ اهو دنيا جي هر حسين منظر کان حسين تر آهي. گنبذِ خضريٰ جو تَصَوُّر ڪريو. مڪتبة المدينه تان "**تصورِ مدينہ**" جي ڪيسيٽ هديو ڏئي حاصل ڪري ان جي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان .

ذريعي بهتر طريقي تي ”**تصورِ مدينہ**“ قائم ڪري سگهجي ٿو.

کیا سبز سبز گنبد کا خوب ہے نظارا
ہے کس قدَر سُہانا کیسا ہے پیارا پیارا

## اهو آهي سبز گنبذ!

توهان ڪيترائي پيرا سبز گنبذ ڏٺو هوندو ۽ جنهن خوش قسمت حقيقت ۾ ڏٺو آهي ان جي لاءِ تصوُّر ڪرڻ وڌيڪ آسان هوندو شروع ۾ هلڪو هلڪو عڪس محسوس ٿيندو پوءِ ان کي حقيقت سان بلڪل ويجهو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن جذبو سچو هوندو ان شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ توهان بي اختيار ٿي چوندؤ،اهو آهي **سبز گنبذ!** پوءِ خيال ڪريو صبح جو من موهيندڙ وقت آهي، ٿڌي ٿڌي هوا جهومندي، **سبز گنبذ** کي چُمندي، ان جي چؤڌاري گهمندي مون کي برڪتون ڏئي رهي آهي، مون کي ڇُهي رهي آهي، ۽ ان جي ڪري مون کي پُرڪيف ٿڌڪار محسوس ٿي رهي آهي، پوءِ اهو تَصَوُّر ڪريو تہ **سبز گنبذ شريف** تي هلڪي هلڪي بوندا باندي ٿي رهي آهي ۽ اتان ڪان برڪتون ڪٺي سنهيون سنهيون

www.dawateislami.net

بوندون مون تي بہ وَسي رهيون آهن. ڪجھ دير جي لاءِ ان دلفريب ۽ دلربا منظر ۾ گم ٿي وڃو.

درِ مصطفٰے کی تلاش تھی میں پہُنچ گیا ہوں خیال میں
نہ تھکن کا چہرے پہ ہے اثر نہ سفر کی پاؤں میں دُھول ہے

**ٿي سگهي** تہ هرروز اهڙي نموني تَصَوُّر ڪريو انهن جي رحمت ڪان ڪهڙي شيءِ پري آهي جو سچ پچ پردا ڪجي وڃن ۽ **عاشقانِ رسول** حقيقت ۾ گنبدِ خضريٰ جا جلوه ڏسي وٺن. روزانو گهٽ ۾ گهٽ ست منٽ ائين ڪندؤ تہ ان شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ توهان جو ذهني دباءُ يعني **ٽينشن** تمام گهٽ ٿي ويندو جيڪڏهن يقين نہ ٿو اچي تہ تجربو ڪريو.

www.dawateislami.net

گنبدِ خضرا خدا تجھ کو سلامت رکھے
دیکھ لیتے ہیں تجھے پیاس بُجھالیتے ہیں

# پيادل هلڻ جا فائدا

**ذهني** دباءُ ۽ اعصابي ٿَڪاوٽ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ذهني ورزش ڪان علاوه روزانو مُنو ڪلاڪ مسلسل پيادل هلڻ گهرجي. ابتدائي 15 منٽ هلڻ جو انداز وچولو هجي وچ ۾ 15 منٽ ٿورو تيز قدم ڪڻو ۽ آخر

۾ 15 منٽ اهڙيءَ ئي نموني وري وچولي انداز ۾ هلو، دُرُود شريف پڙهندا هلو ۽ لاڳيتو هلندا رهو، هلڻ ۾ اها ڪوشش ڪريو ته پيرن جي چَنبن تي ٿورو وزن پوندو رهي، هلڻ جي لاءِ فجر جو وقت بهتر آهي ڇوته ان وقت ماحول عام طور تي گاڏين جي دونهين ۽ آلودگيءَ کان پاڪ، فضا سازگار ۽ هوا خوشگوار هوندي آهي. هڪ روايت جي مطابق جنّت ۾ هر وقت اهڙي وقت جو نظارو هوندو. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان جو هاضمو درست ٿيندو، توهان جا عضوا بهتر نموني ڪم ڪندا، رت جو دؤرو تيز ٿيندو ۽ رت جي گردش تيز ٿيڻ سان جسم مان هڪ زهريلو مادو خارج ٿيندو آهي، جنهن جي خاصيّت آفيم سان مِلندڙ جُلندڙ آهي. ان جي خارج نه ٿيڻ سان مختلف سُورن ۽ تڪليفن ۾ اضافو ٿيندو رهندو آهي. ذڪر ڪيل طريقي تي جيڪڏهن لاڳيتو پيادل هلڻ واري ورزش ڪندؤ ته اهو زهريلو مادو جسم مان خارج ٿيندو ۽ دماغ کي تازگي ملندي. جڏهن ذهن تازو رهندو ته **خودڪشي** جو خيال ڪڏهن ب ويجهو نه ايندو. ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ .

اے بےکسوں کے ہمدم دنیا کے دور ہوں غم

بس جائے دل میں کعبہ سینہ بنے مدینہ

www.dawateislami.net

# بيمار بادشاهہ

**پاڙيسري** ملڪن جي ٻن بادشاهن جي پاڻ ۾ گهاٽي دوستي هئي، انهن مان هڪ بادشاهہ طرح طرح جي بيمارين ۽ پريشانين کان تنگ هيو ۽ جڏهن تہ ٻيو بادشاهہ خوشحال ۽ صحتمند هو. هڪ ڀيري **بيمار بادشاهہ تندرست بادشاهہ** کي چيو: مان ماهر طبيبن کان علاج ڪرائڻ جي باوُجود بہ صحت جي حصول ۾ ناڪام آهيان، توهان ڪهڙي طبيب کان علاج ڪرائيندا آهيو؟ **تندرست بادشاهہ** مسڪرائيندي چيو: مون وٽ بہ طبيب آهن. **بيمار بادشاهہ** چيو: مهرباني ڪري مون کي بہ انهن سان ملايو، جيڪڏهن انهن منهنجو علاج ڪيو تہ مان انهن کي مالا مال ڪندس. **تندرست بادشاهہ** کِلي چوڻ لڳو: منهنجا طبيب منهنجو علاج بلڪل مفت ڪندا آهن ۽ اهي طبيب آهن منهنجا **ٻہ پير**! ۽ علاج جو طريقو هي آهي تہ انهن سان مان پيادل هلندو آهيان تنهنڪري منهنجي صحت چڱي رهندي آهي ۽ توهان شايد گهڻو ويهندا هوندؤ، پيادل هلڻ کان لهرائيندا هوندؤ ۽ ٿوري ٿوري فاصلي تي بہ سواريءَ

www.dawateislami.net

تي ايندا ويندا هوندؤ تنهنڪري پاڻ کي بيمار ۽ ذهني دٻاءُ جو شڪار محسوس ڪندا آهيو.

## ڇا توهان خودڪشي ڪرڻ چاهيو ٿا؟ ترسو.......!

**جڏهن** ڪو بيمار، بي روزگار، قرضدار، سخت ٽينشن جو شڪار يا ڪو ڪاوڙيل ۽ جذباتي ماڻهو مايوس، يا ڪو امتحان ۾ فيل ٿيڻ تي طعنن کان ڊڄي يا پسند جي شادي ۾ ٻڌهن ناڪام ٿي ويندو آهي تہ شيطان همدرد بڻجي ايندو آهي ۽ ورغلائيندو آهي تہ تون ايڏو پريشان آهين تہ آخر **خودڪشي** ڇو نہ ٿو ڪرين جو انهن پريشانين کان تنهنجي جان ڇُٽي پوندي. جذباتي مرد ۽ عورت جو عقل اهڙن موقعن تي ڪڏهن ڪڏهن ساٿ ڇڏي ويندو آهي ۽ اهي **خودڪشي** ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. تنهنڪري شيطان جڏهن بہ **خودڪشي** جا وسوسا وجهي تہ اهڙي صورت ۾ بلڪل ٿڌي دماغ سان شيطان جي وسوسن کي رد ڪريو ۽ **خودڪشي** جي دنياوي نقصانن ۽ آخرت جي عذابن کي خيال ۾ اهڙيءَ ريت دهرايو . پهريون تہ اهو فعل **اللّٰہ تعاليٰ** ۽ ان جي

www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

**پياري پياري حبيب** صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم کي ناراض ۽ عزيزن قريبن کي غمگين ڪرڻ وارو ۽ اسان جي دشمن يعني شياطين ۽ انهن جي مُتَبِعين يعني ڪافرن کي راضي ڪرڻ وارو آهي. **ٻيو** ان سان مسئلا حل ناهن ٿيندا بلڪ **خودڪشي** ڪرڻ واري جا عزيز قريب ويتر ڏکن ۽ پريشانين ۾ پئجي ويندا آهن. **ٿيون خودڪشي سان جان ناهي ڇُٽندي بلڪ ويتر اها ڦاسي پوندي آهي.** تہ ان شخص جي لاءِ ڪيتريقدر نقصان جي ڳالهہ هوندي جيڪو شيطان جي وسوسن ۾ اچي خودڪُشي ڪري پاڻ کي عذابِ قبر ۽ حشر و نار جو حقدار بڻائي، ۽ پڻ اها ڪيڏي بي مروتي ۽ بي وفائي آهي جو خاندان وارن ۽ عزيزن جي ڳلي ۾ بدنامي ۽ شرمندگي جو هار وجهي دنيا مان موڪلائي ۽ پڻ پاڻ پنهنجي دشمن کي بہ خوشي فراهم ڪندو وڃي. تنهنڪري اهڙيءَ طرح جي **مدني تصورن** جي ذريعي شيطان مردود کي بلڪل مايوس ڪري ۽ ايمان تي استقامت جي پَڪي ارادي سان مردود شيطان کي چئي ڇڏي تہ مان خودڪُشي ڇو ڪيان؟ **خودڪشي** ڪري منهنجي مصيبت! مون کي تہ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان وڏي اميد ،

www.dawateislami.net

اميد ۽ اميد آهي، ۽ **خودڪشي** تہ اهو ڪري جنهن کي الله رب العزت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان مايوسي هجي. الله رب العزت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي. اهو ضرور ضرور ضرور منهنجيون پريشانيون بہ دور فرمائيندو ۽ مون گناهگار کي صرف پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان بغير حساب ۽ ڪتاب جي بخشي بہ ڇڏيندو. فرض ڪريو ظاهر ۾ پريشانيون دور نہ بہ ٿين تڏهن بہ ان جي رضا تي راضي آهيان مان **خودڪشي** ڪري پنهنجي آخرت کي داءُ تي لڳائي **اي نامراد شيطان!** توکي ڪڏهن بہ خوش نہ ڪندس.

www.dawateislami.net

# بسم الله جي سنن اکرن جي نسبت سان 7 روحاني علاج

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پريشانين جو تعلق دل ۽ روح سان هوندو آهي. پريشانين کان نَجات حاصل ڪرڻ ۽ دلي سُڪون وڏائڻ جي لاءِ روحاني علاج بہ ٻُڌو.

## ﴿1﴾ غم جو علاج

لَاحَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡم 60 ڀيرا روزانو پڙهي

پاڻيءَ تي دم ڪري پي ڇڏيو ان شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **غم** ۽ **پريشانيون** دور ٿيندا. **دل جي گهٻراهٽ** جي لاءِ به اهو عمل فائديمند آهي.

## ﴿2﴾ روزيءَ ۾ برڪت جو بهترين نسخو

**جيڪڏهن** بي روزگاريءَ کان تنگ آهيو ته هن نسخي تي عمل ڪريو جيئن ته حضرتِ سيِّدُنا سهل بن سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہ بيان ڪن ٿا ته هڪ شخص حضور انور، مديني جي تاجوَر، شفيع روز محشر صَلَّى اللهُ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي پنهنجي مُفلسي ۽ محتاجيءَ جي شڪايت ڪئي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: "جڏهن توهان گهر ۾ داخل ٿيڻ لڳو ۽ گهر ۾ ڪو هجي ته سلام ڪري داخل ٿيندا ڪريو، پوءِ **مون نبي سلام** عرض ڪريو ۽ هڪ ڀيرو **قل هو الله** شريف پڙهو." ان شخص ائين ئي ڪيو پوءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي ايترو مالا مال ڪري ڇڏيو جو ان پنهنجي پاڙيسرين جي به خدمت ڪئي. **(الجامع لاحکام القرآن للقرطبي ج 10 ص 183، 184 دار الفکر بيروت)**

## ﴿3﴾ گهرو ڀڄڻيءَ جو عمل

**منهنجا** آقاءِ نعمت، سرڪارِ اعليٰ حضرت امام احمد

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي سؤ ڀيرا درود شريف پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي .

رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فرمائن ٿا: ”سيني گهوارن ۾ ٻَڌي پيدا ڪرڻ جي لاءِ جمعي جي نماز کان پوءِ لاهوري لوڻ تي هڪ هزار ڀيرا **يَا وَدُوْدُ** پڙهو اول ۽ آخر ڏهه ڀيرا دُرُود شريف ۽ ان وقت کان ان (پڙهيل) لوڻ جو ٿانوَ زمين تي نہ رکو، (ادب سان الماڙي، ميز وغيره مٿانهين جڳهہ تي رکو) اهو لوڻ ست ڏينهن گهر جي ديڳڙي (يعني ٻوڙ وغيره) ۾ وجهو، سڀ کائو، موليٰ عَزَّوَجَلَّ سيني ۾ ٻَڌي پيدا ڪندو. هر جمعي تي ستن ڏينهن جي لاءِ پڙهندا ڪريو.
(فتاويٰ رضويہ ج 26 ص 612)www.dawateislami.net

## ﴿4﴾ ڏکيائيءَ کان پوءِ آساني

**حضرتِ** علامہ امام شعراني قدس سره الرباني ”طبقاتِ ڪبريٰ“ ۾ حضور غوثُ الاعظم عليه رحمة الله الاکرم جو هي ارشاد مبارڪ نقل ڪن ٿا، شروع ۾ مون تي گهڻيون سختيون رکيون ويون ۽ جڏهن سختيون انتها کي پهچي ويون تہ مان لاچار ٿي زمين تي ليٽي پيس ۽ منهنجي زبان تي قرآن شريف جون ٻہ **آيتون** جاري ٿي ويون.

فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ یُسْرًا ۙ﴿۵﴾
اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ یُسْرًا ؕ﴿۶﴾
(پ ۳۰، الم نشرح ۵، ۶)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ بيشڪ ڏک سان گڏ سُک آهي. بيشڪ ڏک پُٺيان سُک آهي.

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درود شريف پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي .

الحمدللّٰہ عزوجل انهن آيتن جي بَرَڪت سان اهي سڀئي سختيون مون کان پري ٿي ويون.

(الطبقات الڪبريٰ ج 1 ص 178 دارالفڪر بيروت)

**مصيبت** ۾ ڦاٿل ڪي ۽ مريض ڪي گهرجي تہ سرڪارِ غوثِ پاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي انهيءَ ادا کي ياد ڪري ٻي ٽابيءَ ۾ زمين تي ليٽي پئو ۽ سورهٔ الم نشرح جي ذڪر ڪيل آيت نمبر 5 ۽ 6 پڙهو. اللّٰہ عزوجل چاهيندو تہ حضور غوثِ اعظم عليه رحمة الله الاڪرم جي طفيلي مشڪل آسان ٿي ويندي.

www.dawateislami.net

مِری مشکلوں کو تو آسان کردے     مِرے غوث کا واسِطہ یاالٰہی

# ﴿5﴾ عشقِ مجازي کان ڇوٽڪاري جو عمل

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ لَاۤ اِلٰہَ اِلَّاۤ اَنۡتَ سُبۡحٰنَکَ ٭ۖ اِنِّیۡ کُنۡتُ مِنَ الظّٰلِمِیۡنَ ﴿۸۷﴾ۚ

اَللّٰہُ نُوۡرُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ لَا تَاۡخُذُہٗ سِنَۃٌ وَّلَا نَوۡمٌ ؕ

وُضو سان اها آيت سڳوري 3 ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو دُرُود شريف) پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري پي ڇڏيو. اهو عمل چاليهن ڏينهن تائين ڪري. نماز جي پابندي ضروري نهايت ضروري آهي.

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود شريف پڙهو توهان جو درود شريف مون تائين پهچندو آهي .

**مدني گل:** جيڪڏهن ڪو **عشقِ مجازي** جي آفت ۾ ڦاسي پوي تہ ان کي گهرجي تہ صبر ڪري. شاديءَ کان اڳ ۾ ملڻ بلڪ بغير شرعي اجازت جي هڪٻئي کي ڏسڻ ۽ پڻ خط و ڪتابت، فون تي گفتگو ۽ تحفن جي ڏي وٺ وغيره هر اهو غير شرعي فعل جيڪو هن **عشق** جي سبب ڪيو وڃي اهو حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. پنهنجي **مجازي عشق** جي لاءِ **معاذالله** عزوجل **حضرتِ سيّدُنا يوسف** علي نبينا و عليه الصلوٰة والسلام ۽ زليخا جي قصي کي دليل بڻائڻ سخت جهالت ۽ حرام آهي. ياد رهي! عشق صرف زُليخا جي طرفان هو، حضرتِ سيّدُنا يوسف علي نبينا و عليه الصلوٰة والسلام جو دامن ان کان پاڪ هو. هر نبي معصوم آهي. (**مجازي عشق** جي حيرت انگيز معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ڇپيل 168 صفحن جي ڪتاب "پردي جي باري ۾ سوال جواب" ص 128 کان 156 جو مطالعو ڪريو.)

www.dawateislami.net

## ﴿6﴾ قرض لاهڻ جو وظيفو

**اَللّٰهُمَّ اكْفِنِىْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاَغْنِنِىْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ۔**

(**ترجمو:** اي الله عزوجل مون کي حلال رزق عطا فرمائي ڪري حرام

ڪان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل ۽ ڪرم جي ذريعي پاڻ ڪان سواءِ غيرن ڪان بي نياز ڪري ڇڏ) مُراد پوري ٿيڻ تائين هر نماز ڪان پوءِ 11،11 ڀيرا ۽ صبح ۽ شام 100، 100 ڀيرا روزانو (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو دُرُود شريف پڙهو). هن دعا جي باري ۾ حضرت مولاءِ ڪائنات،عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم جن جو ارشادِ شفقت بنياد آهي:"جيڪڏهن توهان تي جبل جيڏو بہ قرض هوندو تہ ان شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ادا ٿي ويندو." (سنن الترمذي ج 5 ص 329 حديث 3574 دارالفكر بيروت)

www.dawateislami.net

**صبح ۽ شام جي تعريف** : اڌ رات ڪان بعد ڪان وٺي سج جو پهريون ڪرڻو چمڪڻ تائين **صبح** ۽ ظهر جي شروعاتي وقت ڪان سج لهڻ تائين واري وقت کي **شام** چئبو آهي.

## ﴿7﴾ رزق ۽ قرض جي ادائيگيءَ لاءِ (بہ وِرد)

(1الف) **يَا مُسَبِّبَ الْاَسْبَاب** پنج سؤ ڀيرا، (اول ۽ آخر يارهن ڀيرا دُرُود شريف) اهو عمل نمازي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ **عشاء جي نماز کان پوءِ** مٿي اگهاڙي کُليل آسمان هيٺ ويهي پڙهن. (اهڙي جاءِ تي اهو عمل ڪريو جتي نامَحرم تي ۽ ڪنهن جي گهر ۾ نظر نہ پوي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم : **توهان جتي بہ هجو مون تي درود شريف پڙهو توهان جو درود شريف مون تائين پهچندو آهي .**

(ب) **يابَاسِطُ** روزانو **فجر جي نماز کان پوءِ** ڏهہ ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو دُرُود شريف) پڙهي ٻئي هٿ منهن تي ڦيري ڇڏيو.

**مدني نڪتو:** اي ڪاش! روزيءَ ۾ گهٽائي جي **محبت** جي بدلي اسان نيڪين ۾ بَرَڪت جي حسرت ڪريون ها ۽ ان جي لاءِ بہ ڪو وِرد ڪريون ها.

**مدني مشورو:** وِرد شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪنهن سنّي عالم يا قاري صاحب کي ٻُڌايو

www.dawateislami.net

**مدني التجا:** هن رسالي ۾ ڏنل ڪوبہ وِرد ڪرڻ چاهيو تہ شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ **سرڪارِ غوثِ اعظم** عليه رحمة الله الاكرم جي ايصالِ ثواب جي لاءِ يارهن يا هڪ سؤ يارهن رپين جا ۽ ڪم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ **سرڪارِ اعليٰ حضرت** امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ (ڪنهن سنّي عالم جي مشوري سان) 25 يا 125 رپين جا اسلامي ڪتاب ورهايو (رقم گهٽ وڌ ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي)

www.dawateislami.net